شيخ اياز

۽ سندس شاعري

از قربان علي بگٽي

شيخ اياز ۽ سنڌس شاعري

از :- قربان علي بگٽي

زير اهتمام :-
محمد ابن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي
١١٠ - اِي - لطيف آباد نمبر ٦
حيدر آباد سنڌ.

ملڪ جو هنڌ

سپني بوڪ اسٽال وٽان
۴
- اي لطيف آباد نمبر ٦
حيدرآباد سنڌ.

——— ١٩٧٦
ڇاپو ——— پهريون
قيمت ——— ١-٥٠

ڇپائيندڙ:-
ايوب انصاري

جوائنٽ سيڪريٽري
محمد ابن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي
حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ:- مرتضيٰ پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلہ
حيدرآباد سنڌ.

فهرست

پيش لفظ —	ص الف
اياز ۽ سنڌس شاعري —	١
ڪوڙي ڊائري —	٣
بي ثابتي —	٦
ٽين ثابتي —	٧
اياز ۽ جيئي سنڌ جو نعرو —	٩
ڇا اياز سنڌ جي لاءِ گرفتار ٿيو هو —	١١
ڇا ڪروس ناول نويس هو —	١٥
فسطائي آمريت ۽ شاعري —	١٧
اياز جي گرفتاري سنڌس پنهنجي زباني —	٢١
شيخ اياز ۽ حڪمت —	٢٣
اياز ۽ نذرالاسلام —	٢٥
شيخ اياز ۽ سرمد —	٢٧
اياز ۽ سنڌ جا پروچ —	٣٢
اياز جي شاعري —	٣٦
انگريزي شاعري —	٣٧
اياز جي شاعري بابت جوئي جي راءِ —	٤١
شاعري متعلق ابن خلدون جي راءِ —	٤٤
فن شاعري متعلق ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ —	٥٠
فن شعر متعلق علامه آءِ - آءِ قاضي جي راءِ —	٥٦

اياز جي شاعري ۽ فلسفو — ٥٩

اسلام ۽ شاعري — ٦٢

حضرت عمر رضہ ۽ شاعري — ٦٤

شيخ اياز ۽ پٺاڻي جو اردو ۾ منظوم رسالو — ٦٨

تنقيد بابت آئن اسٽائن ۽ جارج گيمو جي روش — ٦٩

شيخ اياز ۽ سنڌ سن نئون عهد و — ٧٣

لطيف رحہ جو تصوف ۽ شيخ اياز — ٧٤

شاه جو شعر: تصوف ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي — ٨١

شيخ اياز ۽ ڊين انج جو غلط حوالو — ٨٣

اياز ۽ رسالي جو غلط منظوم ترجمو — ٨٩

ڊاڪٽر سورلي جي انگريزي معني — ٩٤

شيخ اياز ۽ سنڌس علمي مطالعو — ٩٦

پيش لفظ

سنڌ ۾ اهي ”اديب ۽ دانشور“ جيڪي پاڻ کي ترقي پسند سڏائين ٿا انهن مان شيخ اياز به هڪ آهي. موصوف هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر جي عهدي تي فائز آهي. سندس مداحن جو خيال آهي ته شيخ اياز علم ۽ ادب ۾ وڏو مقام رکي ٿو ۽ سنڌ جو عظيم شاعر آهي.

گذريل عرصي ۾ سنڌ جي هڪ نوجوان، فاضل نقاد جناب قربان علي بگٽي، مختلف سنڌي رسالن ۾ شيخ اياز جي علم، ادب ۽ شاعري تي مدلل تنقيد ڪئي هئي جنهن جو اڄ تائين نه صاحب موصوف ۽ نه وري سندس مداحن ڪي ڪو جواب ڏنو آهي.

هيٺ اسين جناب بگٽي صاحب جي انهن مضامين کي ڪتابي صورت ڏيئي ”شيخ اياز ۽ سندس شاعري“ جي نالي سان سنڌ جي نوجوانن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون.

ڪتاب پڙهي اهل علم ۽ نوجوان دوست خود ئي فيصلو ڪن ته علم ۽ ادب ۾ ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جو ڇا مقام آهي.

ايوب انصاري

اياز ۽ سندس شاعري

"ڪپر ٿو ڪن ڪري" شيخ اياز جي شعرن جو پنجون مجموعو حيدر آباد مان شايع ٿيو آهي. هن کان اڳ ويجهي عرصي ۾ سندس ٻيا ٻه مجموعا جهڙوڪ "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ۽ "وڄون وسڻ آئيون" جي نالي پبلش ٿيا آهن جن جا مهاڳ اياز جي ذهني مرشد جويي صاحب لکيا آهن. پر خلاف معمول زير تبصره ڪتاب جو مهاڳ شيخ اياز پنهنجي قلم سان لکيو آهي ۽ ان کي "سنڌ جي نئين نسل جي نالي سان منسوب ڪيو آهي".

وجہ انتساب:

ڪپر ٿو ڪن ڪري، سنڌ جي نئين نسل جي نالي ان ڪري منسوب ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته نوجوان اڄڪلهه اياز کان سخت باغي ۽ متنفر آهن جيترن ئي نوجوانن کي شڪايت ڪندي ٻڌو ويو ته اياز وڪاميل آهي، اياز ڳيدي آهي، اياز جو پٽ ائڊمنسٽريٽر ٿيو آهي، اياز جي قول ۽ فعل ۾ تضاد آهي، اياز مغرور ۽ رلڻو ملڻو نه آهي، اياز جي عيش پسندي ۽ تن آساني نظرياتي تحريڪن لاءِ سخت رڪاوٽ آهي. اياز پهرين وڪيل آهي ۽ ان کان بعد شاعر ۽ اديب. ۽ سڀ کان وڏيڪ ته هو سنڌ ۾ رهندڙ پروچن کي ڏاريو

سمجهي هن ديس جي رهاڪن ۾ پڌيءَ بدران نفرت ۽ تفرقو وجهڻ ٿو چاهي وغيره وغيره. شيخ اياز جي روش ڪان اڄ جي نوجوانن ڪي ايتري ته نفرت ۽ بيزاري آهي جو تازو سکر ۾ ٿيل منعقد مشاعره ۾ انهن پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو ۽ اياز جي خلاف نعرا هنيا هئا. ان محفل ۾ ڌاريا مهمان جهڙوڪ جوش مليح آبادي ۽ فيض جهڙا شاعر به شريڪ هئا. اياز جي چاڙتي رشيد ڀٽيءَ هلال پاڪستان ۾ ان واقعي متعلق هڪ ڪالم لکيو هو. سندس لکڻ مطابق پير حسام الدين راشديءَ مشاعري ۾ تقرير ڪندي ڇوڪرن کي سمجهائي ڏني. ڀٽي لکي ٿو ته "ٻوءِ راشدي صاحب ڳالهائڻ لاءِ اٿيو. هن اول ۾ ڇنهن ڇوڪرن کي تلقين ڪئي، جي سڄي مشاعره جي ڪارروائي دوران سياسي نعرا هڻي رهيا هئا، ۽ سنڌي شاعرن ۽ دانشورن خلاف الزام تراشيون ڪري رهيا هئا". اڳتي لکي ٿو ته "راشدي صاحب کين ٻڌايو ته هنن کي انهن اديبن ۽ دانشورن تي الزام هڻندي شرم اچڻ گهربو هو جن منجهن سچائين جي لاٽ ٻاري، جن کين منزل ۽ مراد، ماڳ ۽ مارڳ سان متعارف ڪرايو، جن جي هو پيدائش هئا، تن کي هو نڪرائي رهيا هئا". (هلال پاڪستان ڪراچي مورخه ٢٦ اپريل ١٩٧٥ع رشيد ڀٽيءَ جو ڪالم).

غور ڪري ڏسبو ته "ڪير ٿو ڪن ڪري" جو مهاڳ، اياز فقط پنهنجي وڃايل شهرت بحال ڪرائڻ،

۽ باغي نوجوانن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ لکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪوڙ جو سهارو وٺي پنهنجي عظمت بحال ڪرڻ لاءِ گوئبلز واري پروپئگنڊا جو فن اختيار ڪيائين.

ڪوڙي ڊائري:

هن ڪتاب ۾ اياز جي لکيل ڊائري پڻ شامل ڪئي وئي آهي. ان لاءِ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اها مئي ١٩٧١ع کان جنوري ١٩٧٢ع تائين واقعات ۽ واردات بنسبت لکيل آهي. هيءَ ڊائري ڪل ٥٦ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن لاءِ ڪتاب جو پبلشر مسٽر ع - ق شيخ لکي ٿو ته ”اياز جي هن عظيم شعري تخليق جي تعارف لاءِ اسان کي سنڌس نوٽبڪ جي هنن ورقن کان بهتر ٻيو ڪو مهاڳ سوچ ۾ اچي نه سگهيو. اسان کي اميد آهي ته محب وطن سنڌي اديب ۽ ادب شناس پڙهندڙ شاعر جي هن پنهنجي تعارفي مهاڳ کي غور سان پڙهندا ته ان جو مطالعو کين سنڌس هن املهه شعري تخليق کي سمجهڻ ۽ ان جي تور تڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهندو“. (صفحو ٢) شيخ صاحب جي هن نصيحت تي عمل ڪري مون به ان مهاڳ کي غور سان پڙهيو ۽ مطالعو ڪيو. مان شيخ صاحب جو هن امر ڏانهن ڌيان ڇڪايان ٿو ته هي سچو جعلي ۽ ڪوڙو نوٽبڪ آهي، جو اياز جيل ۾ مئي ١٩٧١ع کان جنوري ١٩٧٢ع تائين ڪونه لکيو آهي، پر هي مهاڳ اياز ڪتاب شايع ڪرڻ

وقت پبلشر جي بن اکرن سان گڏو گڏ لکيو آهي. مان پنهنجي موقف کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ جيل جي هن نوٽبڪ جو جائزو پيش ڪندس.

”شاعر جي نوٽبڪ تان“ جي عنوان هيٺ اياز لکي ٿو ته ”ڪالهه ڊفينس آف پاڪستان رولز هيٺ پڪڙي آيا ۽ ڇهن مهينن لاءِ سي ڪلاس ۾ نظربند رکيائون“. (صفحه ۱) فارسيءَ ۾ چوڻي آهي ته ”دروغ گورا حافظ نه باشد“ يعني ڪوڙي کي ياد گيري نه هوندي آهي. هيٺ حاشيه ۾ اياز جي پنهنجي لکڻي مطابق ته هو ۵ مئي ۱۹۷۱ (پنجين مئي اڻويهه سئو ايڪهتر) تي گرفتار ٿيو. اياز سکر جو هڪ ناميارو ۽ برک وڪيل آهي. سان ڪانئس پڇان ٿو ته مٿين تاريخ تي ڊي-پي-آر يعني ڊفينس آف پاڪستان رولز لاڳو ڪٿي هو جو اياز هن قانون ماتحت گرفتار ٿيو؟ اياز ڪان وڏيڪ ٻيو ڪير سمجهي سگهي ٿو ته انتظاميه کي ڊي-پي-آر جا پاور ۽ اختيارات هنگامي حالات (Emergency) ماتحت ڏنل هوندا آهن. اياز ٿورو پنهنجي حافظي تي زور ڏيندو ته ڪيس معلوم ٿي ويندو ته پاڪستان ۾ هنگامي حالتن جو اعلان (Proclamation of Emergency) سابق صدر يحيٰ خان ۲۲ نومبر ۱۹۷۱ع (۲۲ نومبر اڻويهه سئو ايڪهتر) تي ڪيو هو ڇو جو مذڪوره تاريخ تي ڀارتي فوجن سابق اوڀر پاڪستان جي هڪ شهر جيسور تي حملو ڪيو هو. هنگامي حالتن جي اعلان بعد ڊفينس آف

پاڪستان رولز ٺهيا ۽ اهي قاعدا غالباً ڊسمبر ١٩٧١ يا جنوري ١٩٧٢ جي پي-ايل-ڊي ۾ شايع ٿيا هئا. اياز پنهنجو رڪارڊ ڏسي تصديق ڪري سگهي ٿو. صاف ظاهر ٿيو ته ٥ مئي ١٩٧١ تي ڊفينس آف پاڪستان رولز لاڳوئي نه هئا ته پوءِ اياز هن قانون ماتحت گرفتار ڪيئن ٿيو؟ ٥ مئي ١٩٧١ تي اياز مارشل لا ريگيوليشن نمبر ٧٨ مينٽيننس آرڊيننس يا سينٽرل سڪيورٽي ائڪٽ ماتحت گرفتار ٿيو هوندو. جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته شيخ اياز هڪ نالي وارو وڪيل آهي، ۽ پنهنجي گرفتاري واري قانون بابت اهڙي سنگين غلطي ڪري نٿو سگهي. فطري طرح سوال ٿو پيدا ٿئي ته، پنهنجي گرفتاريءَ بابت هن غلط قانون جو ڇو حوالو ڏنو؟ ڇاڪاڻ ته ڪي به پنهنجي گرفتاريءَ جا قانون ياد هوندا آهن. ان جو جواب هن کان سواءِ ٻيو ٿي نٿو سگهي ته مهاڳ جي صورت ۾ هي نوٽبڪ مارچ ١٩٧٥ ۾ (ڪتاب پبلش ڪرڻ وقت) لکيو ويو، جڏهن ته ڊفينس آف پاڪستان رولز ملڪ سان لاڳو آهن. جي هيءَ ڊائري واقعي مئي ١٩٧١ کان لکيل هجي ها، جيئن دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اياز غلط قانون جو حوالو ئي نه ڏي ها. ڇاڪاڻ سالن گذرڻ بعد جيڪڏهن ڪا ڊائري لکبي ته ان ۾ هن قسم جون سنگين غلطيون نه ٿينديون ته ٻيو ڇا ٿينديون؟.

نوٽبڪ جي ڪوڙي هجڻ لاءِ ٻي وڏي ثابتي:

شيخ اياز وڏيڪ لکي ٿو ته "گرفتاريءَ کان پوءِ ڊي-ايس-پي مون کي ساڳئي ڊپٽي ڪمشنر وٽ وٺي آيو، جنهن پوليءَ وارن فسادن وقت مون تي خوني حملو ڪرايو هو. پر مان اتفاق سان بچي ويس. هن مون کي جيل ۾ سي ڪلاس ڏنو". [صفحو ۱ ۽ ۲]

اياز جي مٿين جملي کي پڙهي مون کان بي اختيار کل نڪري وئي. اياز جي ذهنيت تي ماتم ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. ڇا مصنف اسان کي بيوقوف سمجهيو آهي جو اسان سندس مٿين جملي کي پڙهي ويساهه آڻيون؟ اياز جي بقول سندس هيءَ ڊائري جيل اندر مئي ۱۹۷۱ کان جنوري ۱۹۷۲ تائين لکيل آهي. اياز رڪارڊ چڪاسي ڏسندو ته سنڌ ۾ پوليءَ وارا هنگاما جولاءِ ۱۹۷۲ (اٺويهه سٺو ٻاهتر) ۾ ٿيا هئا: يعني ته سندس رهائيءَ جي تاريخ کان ڇهه مهينا بعد ۾.

هاڻي هر شخص اياز صاحب کان پڇڻ جو حق رکي ٿو ته دانشور صاحب اوهان پنهنجي نام نهاد نوٽبڪ ۾ ڪيئن لکيو ته سکر جي ڊپٽي ڪمشنر پوليءَ جي هنگامن ۾ اوهان کي قتل ڪرائڻ تي چاهيو؟ فرض ڪيو ته اسين ٿوريءَ دير لاءِ تسليم ٿا ڪريون ته مٿين ڊائري مئي ۱۹۷۱ کان جنوري ۱۹۷۲ تائين جيل ۾ لکي وئي هئي ته ان عرصي اندر پوليءَ وارو فساد ٿيو ئي ڪونه هو! جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته اهو فساد جولاءِ ۱۹۷۲ ۾

ٿيو هو. پوءِ اياز صاحب پنهنجي نوٽبڪ ۾ اهو جملو ڪيئن لکيو؟ ڇا پاڻ هڪ نجومي ۽ صاحب ڪشف و ڪرامت آهي جو پنهنجي گرفتاريءَ جي عرصي (مئي ۱۹۷۱ کان جنوري ۱۹۷۲) ۾ ڪيس جولاءِ ۱۹۷۲ ۾ ٿيل ٻوليءَ وارن هنگامن جي خبر پئي؟ هڪ مستقبل جو واقعو لکي اياز ثابت ڪيو ته هيءَ ڊائري جيل جي عرصي اندر نه پر بعد ۾ لکيل آهي. آخر ڇوٽي مائٽن جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي وڃي؟

ٽئين ثابتي

وڌيڪ عرض ڪندس ته اياز جو هي الزام ته "گرفتاريءَ کان پوءِ مون کي ساڳئي ڊپٽي ڪمشنر وٽ وٺي آيا جنهن ٻوليءَ وارن فسادن ۾ مون تي خوني حملو ڪرايو هو، جنهن مان بچي ويس". هي الزام به ڪوڙو ۽ بالڪل بي بنياد آهي. اياز پنهنجي مظلوميت بيان ڪري استحصال ڪرڻ چاهي ٿو. اياز جي گرفتاريءَ وقت سکر جو ڊپٽي ڪمشنر ۵ مئي ۱۹۷۲ تي سيد سردار احمد سي-ايس-پي هڪ غير سنڌي هو. اياز جو چوڻ آهي ته ٻوليءَ وارن هنگامن ۾ ساڳئي ڊپٽي ڪمشنر هن تي خوني حملو ڪرايو هو پر اتفاق سان هو بچي ويو. جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ٻوليءَ وارا هنگاما جولاءِ ۱۹۷۲ ۾ ٿيا هئا ۽ سيد سردار احمد ڊپٽي ڪمشنر هنگامن کان چار مهينا اڳ مارچ ۱۹۷۲ ۾ مارشل لا ريگيوليشن نمبر ۱۱۴ ماتحت نوڪريءَ مان ڊسمس ڪيو

ويو. پوليءَ وارن هنگامن دوران هو سکر جو ڊپٽي ڪمشنر هيو ئي ڪو نہ. هاڻي اياز اسان کي ٻڌائي تہ مذڪوره ڊپٽي ڪمشنر هن جي مٿان ڪيئن خوني حملو ڪرايو؟ اياز پاڻ هڪ وڏو ڪرمنل وڪيل آهي. تہ پوءِ هن پنهنجي مٿان قتل جي حملي خلاف ٺاڻي ۾ فرياد ڇو نہ داخل ڪرايو؟ قتل جو هي واقعو پڪ ئي پڪ هڪ ڊرامو آهي. اڳتي هلي شيخ اياز پنهنجي ڊائريءَ ۾ فاشزم جي پرزور مخالفت ڪري ٿو. پر پاڻ فاشي حڪمرانن جي نقش قدم تي هلي پاڻ تي فرضي خوني حملن جا افسانہ بيان ڪري ٿو. ياد رکڻ کپي تہ فاشي حڪمران هٽلر ۽ مسولني بہ پنهنجي مٿان ڪوڙا قتل جا قصا بيان ڪري، عوام کي بيوقوف بڻائي سستي شهرت حاصل ڪندا هئا. اهي شعبده باز تہ پاڻ خوني ۽ رهزن هئا، پنهنجي خلاف فرضي قتل جا داستان بيان ڪري انتقام جي راهہ هموار ڪندا هئا ۽ اهڙين ئي اٽڪلن سان هٽلر جرمني جي ڪيترن ئي محب وطن ڪميونسٽن کي ختم ڪرايو هو. معلوم ٿيو تہ اسان جو هي وڪيل شاعر بہ رڳي زباني طرح فاشزم جي مخالفت ڪري ٿو پر عملاً انهيءَ فلسفي جو خود پيرو آهي.

جيئن مٿي حوالو ڏنو ويو، اياز وڏيڪ شڪايت ٿو ڪري تہ ڊپٽي ڪمشنر سکر کيس جيل ۾ سي ڪلاس ڏنو. هت بہ اياز ٻڌائي ٿو چاهي تہ کيس حيثيت مطابق

ڪلاس نہ ڏنو ويو ۽ هن سان ڪيليون نہ عقوبتون ٿيون آهن. پر اڳتي هلي پاڻ ان ڪوڙ جو پاندو کولي ٿو ۽ لکي ٿو تہ هن کي بي ڪلاس مليل هو. ثابتيءَ لاءِ جيل جو اندروني منظر بيان ڪندي لکي ٿو تہ ”ساري رات، سي ڪلاس، ۾ پٽيين مان سرون پنجن ٿيون ۽ نعرا لڳن ٿا: منهنجي ۽ پٺيءَ جي ننڊ بہ ڦٽي پئي آهي. جي حملو ٿيو تہ، اسان بہ ماريا وينداسون، ڇو تہ اسان بہ وڏيرن سان گڏ بي ڪلاس ۾ آهيون“ [صفحہ ٥٠]

ڏسو تہ هتي اياز پاڻ اعتراف ڪري ٿو تہ هو ۽ پٺي بي ڪلاس (B Class) ۾ هئا. پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هن ڇو لکيو تہ کيس سي ڪلاس ۾ رکيو ويو. ”ڪوڙا سامي ڪوڙا سامين پند“ اسان کي تہ سچي ڊائري فراڊ ۽ جعلي معلوم ٿئي ٿي.

اياز ۽ جيئي سنڌ جو نعرو

گرفتاريءَ کان پوءِ اياز پنهنجي پٽ جي متعلق پڇائي ٿو تہ ”مون مرڪي هن کي چيو، ابا جيئي سنڌ! هن ورنديءَ ۾ ڊي-ايس-پي ڏانهن ڏسي گهٽيل نڙيءَ سان جواب ڏنو جيئي سنڌ.“ (ڏسو صفحہ ٢) هتي بہ اياز نسورو ڪوڙ لکيو آهي. هو پڙهندڙن کي باور ڪرائڻ ٿو چاهي تہ جيئي سنڌ جي نعره سان کيس ايڏو تہ پيار ۽ عشق آهي جو گرفتاريءَ وقت بہ هن هي قلندرانہ نعرو هنيو. اياز کي جيڪي وٺي سو لکي، پر

سُجاڻڻ وارا ڪيس چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. حقيقت ھي آھي ته اياز ۾ اھڙو دم ئي ڪونھي. ھن ۾ اھڙي دليري مفقود آھي. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ڪي پيا ڪونڌر ٿي سگھن ٿا. انھن ۾ تحريڪ لاءِ قرباني ڪرڻ وارا به موجود ھوندا. پر اياز جي ڏاڙ ھڪ رڄ مثل آھي. پاڻ جيڪڏھن جيئي سنڌ جي نعره سان سچو آھي ته پوءِ مون کي ٻڌائي ته ھن تازو سکر ۾ جيئي سنڌ سان واسطو رکندڙ نوجوانن جي گرفتاريءَ خلاف وڪالت ڇونه ڪئي ھئي؟ سکر جي ھڪ اھڙي گرفتار ٿيل شاگرد ۽ شاعر مسٽر اياز گل دل مون کي رتيديري ۾ ٻڌايو ته گرفتار ٿيل شاگردن جي وڪالت ڪرڻ لاءِ اياز ۽ سندس ٽولي ڪا دلچسپي نه ورتي، پر لک شابسون ھجن مسٽر غلام قادر جتوئي کي، جنھن اسان پاران وڪالت ڪري سيني جي جند ڇڏائي. اياز گل نھايت ئي ڏک وچان چوڻ لڳو ته مسٽر غلام قادر مخالف نظريه جو ٿي ڪري به اوکيءَ ويل اسان کي ڪم آيو ۽ ھي شيخ اياز پارا جيئي سنڌ جا نام نھاد علمبردار ته پنھنجن گھرن ۾ وڃي لکي ويٺا ھئا. جيئي سنڌ وارن سان اياز جي اھا سنگدلانه روش معلوم ڪرڻ بعد مون کي يقين آھي ته ھر پڙھندڙ سولائيءَ سان سمجھي سگھي ٿو ته اياز ڊي. ايس. پي سامھون جيئي، سنڌ جو نعرو ھنيوئي ڪونھي. محض استحصال لاءِ اھي جملا ڊائريءَ ۾ لکيا اٿس.

ڇا اياز سنڌ لاءِ گرفتار ٿيو هو

شيخ اياز اسان کي وڏيڪ ڀڏائي ٿو ته گرفتاريءَ کان بعد هن جي پٺ مايوس ٿي هن کان پڇيو ته ”امان کي ڇا ڇوان؟ مان ٿيءَ ۾ اڇي ويس ۾ سوچيم ته هو ماءُ کي ڇا چوي. نيٺ مون هن کي چيو، ماءُ کي ڇنڇانءَ ته بابا به سنڌ آهي. سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي“ (صفحو ٢) اول ته مان تسليم ئي نٿو ڪريان ته ڀيءَ ۽ پٺ جي وچ ۾ هڪ پوليس آفيسر جي موجودگيءَ ۾ هن قسم جي گفتگو ٿي هوندي پر جي ٿي به هجي ته اياز پاڻ کي سنڌ ڪيئن ٿو تصور ڪري؟ ڇا هو ڪروڙ لک ڀڳ آبادي واري سنڌ جو نمائندو آهي؟ سنڌ ۾ مهاجر به رهن ٿا. انهن جي اياز سان نه لڳي. باقي آبادي سندس اسلام بيزاريءَ ڪري ڪانئس نفرت ٿي ڪري. مون کي ٻڌايو ته ڪهڙيءَ جدول جي انگ سان اياز پاڻ کي سنڌ ٿو ڪوٺي؟

اياز جي گرفتاريءَ جا اصل سبب

واضح رهي ته شيخ اياز بلڪل غلط ٿو چوي ته هن جي گرفتاري جيئي سنڌ جي ڏوهه ڪري ٿي جيئن پنهنجي پٺ جي قصي ۾ لکي ٿو ته بابا به ته سنڌ آهي سنڌ کي ڪوئي ماري نٿو سگهي.

مئي ١٩٧١ع ۾ اياز جي گرفتاريءَ جو اصل سبب سندس عوامي ليگ ۾ شموليت ڪري هو. حيرت جو مقام آهي ته ڊسمبر ١٩٧٠ع جي اليڪشن کان اڳ

اياز عوامي ليگ جي ڪنهن به پارٽي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪانه ڪئي هئي. اليڪشن جي نتيجي ظاهر ٿيڻ بعد اياز جي دلچسپي عوامي ليگ ۾ وڌي. ناظرين کي ياد هوندو ته ان وقت سابق صدر يحيٰ خان اعلان ڪيو هو ته شيخ مجيب پاڪستان جو مستقبل جو وزير اعظم آهي. ان اعلان ٿيڻ کان پوءِ اياز ڍاڪا پهتو ۽ عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. ڪيس شايد سنڌ ۾ مجيب جي مستقبل جي مرڪزي حڪومت پاران ڪنهن عهدي ملڻ جي توقع هئي پر ان وقت سياسي مذاڪرات ناڪامياب ٿيا. عوامي ليگ تي بندش پئي ۽ ان جا ڪافي ليڊر شيخ مجيب سميت گرفتار ٿيا هئا. هت اولهه پاڪستان ۾ مجيب جا حامي گرفتار ٿيا. جن مان اياز به هڪ هو. اياز جي، هڪ عقيدت مند هڪ پيري مون کي ٻڌايو ته اياز عوامي ليگ ۾ فقط سنڌ جي ڪري شامل ٿيو هو. وڌيڪ وضاحت ڪندي چوڻ لڳو ته عوامي ليگ بنگالين جي جماعت هئي ۽ بنگالي ون يونٽ جي استحصال خلاف ۽ ننڍن صوبن جي حق ۾ هئا. اياز جي دلچسپي محض ان ڪري ئي هئي.

پر حقيقت هي آهي ته هي سچو دوکو آهي. ون يونٽ بابت منهنجو هڪ آرٽيڪل رهبر ڊائجيسٽ ۾ ڇپيو هو ۽ انگريزي ليکڪ (فيلڊ من Fieldman) جي هڪ ڪتاب جي حوالي سان مون لکيو هو ته پهريون شخص جنهن جي دماغ ۾ ون يونٽ جو خيال پيدا ٿيو اهو

پاڪستان جي محڪمہ ماليات جو آفيسر سر آرڪيبالڊ رولينڊس (Archibald Rowlands) هو. هن اهو خيال ۱۹۴۸ع ۾ پيش ڪيو هو. پر ان وقت ان اسڪيم تي عمل ٿي نہ سگهيو. بعد ۾ مستقل مفاد ڪي اهو سبب بنگالين فراهم ڪيو. ۱۹۵۴ جي آئين ساز اسيمبلي کي گورنر جنرل غلام محمد ٽوڙيو. فيڊرل ڪورٽ مولوي تميزالدين جي ڪيس ۾ ان کي جائز قرار ڏنو. پر بعد ۾ يوسف پٽيل بنام ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ لاڙڪاڻہ جي ڪيس ۾ جسٽس منير هڪ آئين ساز اسيمبلي قائم ڪرڻ لاءِ رولنگ ڏني هئي ان جو پهريون اجلاس مئي ۱۹۵۵ ۾ مريءَ ۾ ٿيو هو. ان وقت بنگالين پئرٽي (Parity) جو شور مچايو ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ بالواسطہ جواز پيدا ڪيو. خود ون يونٽ جو بل شيخ مجيب جي سياسي گرو سهروردي صاحب ڊرافٽ ڪيو جو هو صاحب ان عرصي ۾ پاڪستان جو وزير قانون هو. آخر آڪٽوبر ۱۹۵۵ ۾ ون يونٽ جو قيام عمل ۾ اچي ويو. فبروري ۱۹۵۶ ۾ آئين پاس ٿيو. ون يونٽ ڪهڙي وارن ڏنڊي جي زور تي قائم ڪيو. فطري طور ان جي خلاف رد عمل ظاهر ٿيو ۽ ۱۹ سيپٽمبر ۱۹۵۷ تي اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ قرارداد بہ پاس ٿي، ٿي سگهو جي هائوس ۾ ٺهراءَ جي مخالفت ۾ فقط چار ووٽ آيا. هي ٺهراءُ ٿرپارڪر مان ان وقت صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر رئيس

غلام مصطفيٰ خان پرگزيءَ پيش ڪيو هو. ١٩٥٦ جي آئين مطابق ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ هي فقرو رکيل هو ته ٻئي صوبائي اسيمبليون يعني اولهه پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ٺهراءُ پاس ٿيڻ تي مرڪزي گورنمنٽ وڏيڪ قدم کڻي سگهي ٿي. اولهه پاڪستان اسيمبلي ۾ ته اهڙو ٺهراءُ پاس ٿيو، پر افسوس جو اياز پارن جا بنگالي دوست خاموش رهيا ۽ هڪ سال گذرڻ بعد به پنهنجيءَ صوبائي اسيمبلي ۾ اهڙو ڪو ٺهراءُ پاس نه ڪيائون. تان جو آڪٽوبر ١٩٥٨ ۾ مارشل لا لڳي وئي. هاڻي اياز صاحب ٻڌائي ته بنگالي ون يونٽ جا حامي ثابت ٿيا يا نه؟ شيخ اياز پاڻ عوامي ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. هن پنهنجيءَ پارٽيءَ جا ڇهه نڪتا (Six - Points) ضرور پڙهيا هوندا. ڇا ڇهن نڪتن مان هڪڙو نڪتو به ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ هو؟ فيبروري ١٩٦٦ ۾ ڇهن نڪتن پيش ڪرڻ وقت بنگالين ستون نڪتو ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ ڇو نه رکيو؟ ان لاءِ اياز وٽ ڪهڙو جواب آهي؟ اياز کي وڏيڪ ياد هوندو ته ٢٥ فيبروري ١٩٧١ تي ڍاڪا ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي شيخ مجيب اعلان ڪيو هو ته ڇهه نڪتا آئين ۾ فقط بنگال سان لاڳو ٿيندا. يعني صوبائي خودمختاري فقط بنگال لاءِ هجي. مجيب جي ان اعلان کان پوءِ اياز وارن کي ڪهڙو فائدو رسيو؟ پوءِ هو ڇو عوامي ليگ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو؟ سنڌ کي ته بنگالين مان

ڇيهو رسيو البته شيخ اياز کي انهن مان ڪنهن عهد جي اميد هئي ته اَها بي ڳالهه آهي.

ڇا ڪروس ناول نويس هو؟

شيخ اياز وڏيڪ هن نوٽبڪ ۾ لکي ٿو ته ”اٽليءَ ۾ جينٽيڪ ڪروس (Croce) ۽ ٻيا فسطائيت جا مخالف دانشور گرفتار نه ڪيا ويا هئا، تڏهن به پوءِ ۽ ڏر جي ڪري، ان دور ۾ اٽليءَ ۾ ڪوبه اهميت وارو ناول نه لکيو ويو ۽ نه وري ڪا ئي اهميت واري فلم ٺهي هئي ۽ موسيقي ۽ ٻئي ڪنهن فن ۾ ڪائي عظيم تخليق ڪئي وئي هئي.“ (ص ٣). هن جملي ۾ اياز اسان کي ٻڌائي ٿو ته جينٽيڪ ڪروس ۽ ٻيا دانشور گرفتار نه ڪيا ويا هئا پر ان دور ۾ اٽليءَ ۾ ڪوبه اهميت وارو ناول نه لکيو ويو. يعني ڪروس گرفتار ته نه ٿيو، پر ڪو ناول به نه لکي سگهيو. شيخ اياز سان نظرياتي اختلافات جي باوجود به مونکي پوندو ته کيس مطالعه جو شوق آهي. پر حيراني ٿي وئي ته اٽليءَ جي مشهور شخصيت ڪروس بابت مڪمل معلومات نه اٿس. ڪروس اياز جي لکڻ مطابق، ناول نويس نه هو پر هو ممتاز فلسفي مؤرخ، ماهر تعليم ۽ سياستدان هو. اياز جو اهو چوڻ بالڪل صحيح آهي ته فاشزم جي دور ۾ ڪروس کي گرفتار نه ڪيو ويو هو. پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته ڪو ڪروس ان دور ۾ لکڻ به بند ڪيو هو. بهتر آهي ته قارئين آڏو ڪروس جي حياتيءَ جو مختصر خاڪو پيش

Benedettocroce بنيندتو ڪروس" ڪروس جو سچو نالو ڪجي. ڪروس جو سچو نالو "بنيندتو ڪروس Benedettocroce آهي. هو ١٨٤٤ ۾ اٽليءَ جي هڪ ننڍي شهر ۾ ڄائو ۽ سن ١٩٥٢ ۾ وفات ڪيائين. ١٨٨٣ ۾ ڪروس جي شهر ۾ ڌرتي ڌڪي هئي، جنهن ۾ هن جا سڀ عزيز مري ويا. ڪروس پاڻ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين مٽيءَ جي انبار هيٺ دٻجي ويو. آخرڪار ڪيس اتان ڪڍيو ويو ۽ گهڻن سالن جي مسلسل علاج بعد هو صحتياب ٿيو. ڪروس اٽليءَ جي سينٽ جو ميمبر منتخب ٿيو هو ١٩٢٢ ۾ ڪروس هڪ بين الاقوامي رسالو لاڪرٽيڪا (Lacritica) ڪڍيو جو ١٩٤٤ تائين جاري رهيو. ڪروس جو پهريون ڪتاب تاريخي ماديات ۽ ڪارل مارڪس جي اقتصادي نظرين بابت لکيل آهي. ڪروس آئڊلسٽ فلاسافر هو. هو پنهنجي فلاسافي کي "روح جي فلاسافي (Philosophy of spirit) ڪوٺي ٿو. ڪروس وڏو تاريخدان به هو. هن جي فلسفہ تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هو علم تاريخ ۾ ابن خلدون جو مرهون منت آهي اٽليءَ جو هي فلسفي ڪيترا سال وزير تعليم ٿي رهيو آهي. ڪروس جي زندگي ۽ فلسفي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ملاحظہ ٿئي پروفيسر ولڊيورنٽ (Wildurant) جو ڪتاب "فلسفہ جو بيان" (صفحہ ٤٦٦)
(The Story of Philosophy P-466 The Pocket Library.)

•ون قارئين آڏو ڪروس جي زندگيءَ جو مختصر

خاڪو پيش ڪيو. ان مان اياز جي لکڻ جي مڪمل ترديد ٿئي ٿي ته هو ڪو ناول نويس به هو.

فسطائي آمريت ۽ شاعري

اياز لکي ٿو ته ”فسطائي آمريت شاعريءَ لاءِ زهر آهي، هن وقت تائين آمرن مون کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر مان هنن سان ڦيٿ ڪائيندو رهيو آهيان.“ (صفحه ٣) اياز جو چوڻ بالڪل غلط آهي ته فسطائي آمريت شاعريءَ لاءِ زهر آهي. هي هڪ جذباتي جملو ته آهي پر ان جو حقيقت سان ڪو تعلق نه آهي. شعر گوئي انسان جي فطرت ۾ وديعت ٿيل آهي. دنيا جا وڏي ۾ وڏا شاعر، جن آڏو اياز طفل مڪتب به نه سونهي، گهڻو ڪري، بادشاهت ۽ آمريت جي نظام ۾ پيدا ٿيل آهن. شهنشاهيت ۽ آمريت جي نظامن ۾ ان لحاظ کان ڪو فرق نه آهي ته ٻنهي سسٽمن ۾ انسان اظهار جي آزادي ۽ ٻين بنيادي حقن کان محروم ٿيندا آهن. تاريخ پڙهي ڏسجي ٿي ته دنيا جا وڏي ۾ وڏا شاعر بادشاهت، آمريتن ۽ ٻين استبدادي نظامن ۾ پيدا ٿيا آهي. اهي شاعر ۽ اديب پنهنجي وقت ۾ اظهار جي آزادي جو تصور به نه ڪندا هئا. دنيا جا وڏي ۾ وڏا ۽ نالي وارا شاعر جهڙوڪ: يونان جو هومر، اٽليءَ جو دانتي، جرمني جو گوئٽي، انگلنڊ جو شيڪسپيئر ايران جو سعدي، عرب جو متنبي ۽ سنڌ جو شاهه لطيف ۽ ٻيا بادشاهن ۽ آمريت جي نظام جي پيداوار آهن.

خود هندستان جو مثال وٺي ڏسو. مشهور شاعر تلسيداس پندرهين صديءَ ۾ بادشاهت جي نظام ۾ پيدا ٿيو. انگريزن هندستان کي قبضي ۾ آڻڻ بعد هت بدترين سامراجي ۽ استبدادي نظام برپا ڪيو هو جو فسطائي آمريت کان به بدترين هو. فسطائي ملڪ جهڙوڪ جرمني ۽ اٽلي هندستانين وانگر ٻين ڪنهن سامراج ملڪ جا غلام ته ڪونه هيا. پر ڏسڻ ۾ ايندو ته هندستان جا مشهور شاعر انگريزن جي استبدادي ۽ سامراجي دور جي ئي پيداوار آهن جهڙوڪ غالب، اقبال، ٽيگور، نذرل، قلبيچ ۽ ٻيا. حقيقت هي آهي ته آمريت، بادشاهت ۽ اهڙن ٻين استبدادي نظامن جو عوام تي شديد ردعمل ٿئي ٿو ۽ شاعر به انهن کان مستثنيٰ نه آهن. ظلم جي نظام ۽ قهري ڪوٽ جي ڍاهڻ لاءِ ئي شعر چون ٿا.

ثابت ٿيو ته اياز جو چوڻ غلط آهي ته فسطائي آمريت شاعريءَ لاءِ زهر آهي. اهڙن غلط خيالات جي بيان ڪرڻ کان اڳ اياز کي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي ها. شيخ صاحب وڏيڪ فرمائي ٿو ته ”آمرن مون کي دٻائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر مان انهن سان ڦيٽ ڪائيندو رهيو آهيان.“ اياز کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسان جو حافظو ايڏو ڪمزور نه آهي، جو اوهانجن ڪارنامن جي اسان کي سڌ نه هجي. ايوب خان جهڙي بدنام آمر جا انعام يافته سنڌ ۾ اوهان ئي آهيو يا ڪو ٻيو. هڪ هندو ليکڪ موهن ڪلپنا پنهنجي هڪ

مضمون ۾ اياز جي ھن فعل تي ڪيس ٺوڪيو ھو. (ملاحظہ ٿئي ماھوار سھڻي مارچ ١٩٧٥ جي اندر سنڌي اپي بابت موھن جو مضمون) خبر ناھي تہ اياز ڪي پنھنجي واڪاڻ ڪرڻ جي الائجي ڇو ضرورت پوي ٿي؟ ائين تہ نہ آھي جو ھو ڪنھن ڪامپليڪس ۾ مبتلا آھي؟

١٩٦٤ ۾ شيخ اياز ھندستان ويو ھو. موھن ڪلپنا جي مضمون مان ظاھر ٿئي ٿو تہ اتي بہ پنھنجي متعلق وڏي ڊاڙ ھڻي آيو. ڪلپنا جي زبانــي ٻڌو. ”شيخ اياز کي جڏھن انعام مليو ھو. تڏھن مارشل ايوب ھن کان پڇيو ھو: تون ڪٿان جو آھين؟ اياز جواب ڏنو ھو: مان سنڌ جو آھيان. ايوب وري پڇيس: مان ڄاڻان ٿو، پــر سنڌ مان ڪٿان؟ اياز وري جواب ڏنو: مان سنڌ جو آھيان، مان سنڌ جو آھيان، مان سنڌ جو آھيان.“ ڪلپنا وڏيڪ چوي ٿو تہ ”اھا ڳالھہ ھن مون کي ھٿي ٻڌائي ھئي“ ملاحظہ ٿئي ماھوار سھڻي مارچ ١٩٧٥ صفحہ ٦٦) قارئين مٿي پڙھيو تہ اياز ڪيڏو نہ ڊاڙي ۽ ٻٽاڪي آھي. معمولي سمجھہ رکڻ وارو شخص بہ پروڙي سگھي ٿو تہ اياز دروغ بياني کان ڪم ورتو. اول تہ مارشل ايوب کي اياز جي جڳھہ پڇڻ جي ضرورت ڪھــڙي ھئي؟ انعام يافتہ حضرات جي پوري ڊيٽا رکيل ھوندي آھي ان ڪري وڌيڪ ائڊريس معلوم ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اياز جو فيلڊ مارشل ايوب جھڙي ھڪ جابر شخص اڳيان ٽي دفعا چوڻ تہ ھو سنڌ جــو

آهي، هن صدي جو وڏو مذاق نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ايوب خان ون يونٽ جو وڏو حامي هو. نہ فقط ايترو پر هن پنهنجي ڪتاب ”فرينڊس نات ماسٽرس“ ۾ دعويٰ ڪئي آهي تہ هو ون يونٽ جي خالقن مان هو. اهڙي شخص جي آڏو ڪير ٿو ان قسم جي ڳالهہ ڪري سگهي؟ پاڪستان جي هڪ وڏي صحافي مونکي ٻڌايو تہ ايوب خان پريس ڪانفرنس ڪرڻ وقت بہ بعض اوقات صحافين جي سوالن پڇڻ تي غضبناڪ ٿي، گاريون ڏيندو هو. اياز جي هيءَ ٻڌاڪ ناقابل فهم آهي. ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ ۾ بہ ساڳيءَ طرح پنهنجي واڪاڻ ڪري ٿو. يعني آمرن کيس دٻائڻ ۽ هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن سر نہ جهڪايو. اياز جو پنهنجي بهادري متعلق لباڙ هڻڻ تي، مون کي هڪ واقعو ياد اچي ويو: منهنجو هڪ عزيز وزيران بگٽي نهايت ئي دلير ۽ ڪوندر شخص هو. ماڻهو هن متعلق چوندا هئا تہ وزيران اڪيلو شينهن سان بہ مقابلو ڪري سگهي ٿو. بخدا مون اڄ تائين وزيران جي ڊول جو ڪو ماڻهو نہ ڏٺو. اسين هن کي پنهنجي بهادري جي داستان ٻڌائڻ لاءِ فرمائش ڪندا هئاسون، ان تي هو ڪيڀائيندو هو. زور ڀرڻ تي اسان کي جواب ڏيندو هو تہ بابا جيڪو شخص پنهنجي بهادري پاڻ ٻڌائي تہ يقين ڪجو ”همان ٿولغي“ يعني اهو گدڙ آهي. وزيران جو هي جواب ٻڌي منهن جو روح پرجي آيو. مون هڪدم ٻروچڪيءَ ۾ چيو تہ بيشڪ وزيران مزاري

يعني لاشڪ وزيران شينهن آهي. سو ان مثال مطابق اياز پنهنجي بهادريءَ جو پاڻ ذڪر ڪري ٿو معنيٰ هو احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهي.

اياز جي گرفتاري سندس پنهنجي زباني

شيخ صاحب نام نهاد ڊائريءَ ۾ پنهنجي گرفتاريءَ متعلق عجيب منطق پيش ڪيو آهي. ان کي پڙهي ڪل ٿي اچي ۽ مان سمجهان ٿو ته ڪو به شعور رکندڙ شخص ويساهه ئي نه آڻيندو. اياز لکي ٿو ”ڪجهه ڏينهن سکر بار اوير پاڪستان ۾ ڪيل فوجي ڪارروائيءَ جي حمايت ۾ ٺهراءُ بحال ڪرڻ لاءِ بار جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي. مان بار جو صدر هيس پر مون ان ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ کان نابري واري، ٽئين ڏينهن تي ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي هفتيوار ۾ هڪ خط شايع ٿيو ته مون فوج جي حمايت ۾ ڪوٺايل بار جي ميٽنگ تي صدارت ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. ۽ ان ڪري مون تي جوڳي ڪارروائي ڪئي وڃي. ساڳئي ڏينهن تي مرڪزي حڪومت جي ـ ايم ـ سيد کي پنهنجي گهر ۾ ڇهن مهنن لاءِ نظربند رکيو. مون سمجهيو ته هٿڪڙيون اجهي آيون“. ان داستان بيان ڪرڻ بعد اياز اسان کي ٻڌائي ٿو ته هو گرفتار ٿي ويو.

شيخ اياز جي گرفتاريءَ جو مٿيون پس منظر هيٺين سببن ڪري ناقابل قبول آهي. اياز کان مان چند سوال ـ ٿو پڇان. منهنجي طرفان اٿاريل نڪتن جي

جيستائين وضاحت نہ ٿيندي، ڪو بہ پڙهيل شخص سندس گرفتاري جي وجوهات کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. سوال هيٺ ڏجن ٿا:

(۱) اوڀر پاڪستان ۾ ڪيل فوجي ڪارروائيءَ جي حمايت ۾ سکر بار جي ميٽنگ ڪهڙيءَ تاريخ تي منعقد ٿي.

(۲) اوهان هن ميٽنگ جي صدارت ڪـان نابري واري. ڇا بار جي منٽ بوڪ ۾ اهڙي داخلا رکيل آهي؟

(۳) اوهان جي عدم موجودگيءَ ۾ ميٽنگ جـي صدارت ڪهڙي وڪيل ڪئي؟

(۴) ٺهراءُ ڪهڙي وڪيل پيش ڪيو ۽ ان جي تائيد ڪنهن ڪئي؟

(۵) ڇا ٺهراءُ بحال ٿيو يا نہ؟ ۽ اخبارن ۾ ان جي روءِداد ڇپي يا نہ؟

(٦) ڪراچي جي ڪهڙي هفتہ روزہ اخبار ۾ اوهان جي خلاف خط ڇپيو؟ ۽ اهو ڪنهن لکيو؟ مون کي تہ ٻڌايو ٿن ڏينهن اندر اهو خط هڪ روزاني نہ پر هفتيوار اخبار ۾ ڪيئن ڇپيو؟ اخبار جي ايڊيٽوريل نوٽ جو نوٽيس ورتو آهي، خط جو نوٽيس ڪيئن ورتو ويو؟ اوهان کي گرفتار ڪيو ويو؟

بهرحال منهنجا سوال ان ڪري بہ اهميت رکن ٿا جو اياز جي هڪ گروهہ جي ماڻهو مون کي ٻڌايو تہ اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ڪارروائي جي حمايت لاءِ شيخ

صاحب ۽ حسن حميدي هڪ گڏيل بيان ڪڍيو هو.
خبر نہ آهي تہ ان ۾ ڪيتري قدر صداقت آهي. ان
ڪري سکر بار جي هڪ معزز رڪن ۽ اديب جناب
غلام قادر جتوئيءَ کي منهنجي گذارش آهي تہ هو بار
جي مذڪوره ميٽنگ متعلق تاريخ جي خدمت لاءِ اسان
کي آگاه ڪري. آيا شيخ صاحب جو چوڻ صحيح آهي
يا غلط؟

شيخ اياز، حڪمت، سرمد ۽ نذرالاسلام

شيخ اياز جي هن نوٽبڪ پڙهڻ سان مون اندازو
ڪيو تہ موصوف پاڻ کي وڏو ماڻهو تو سمجهي ۽ مٿين
تاريخي انسانن جي قطار ۾ پاڻ کي شمار ڪري ٿو.
قيديءَ جي حيثيت ۾ اياز پاڻ کي ناظم حڪمت سان
مشابهت ٿو ڏي، لکي ٿو تہ "ناظم حڪمت ترڪيءَ ۾
نو سول جيل ۾ رهيو هو. پر هو ان عرصي ۾ گهڻو
ڪجهہ لکي نہ سگهيو هو. جيتوڻيڪ هن جو ڪجهہ بہ
لکيو، اهو اڄڪلهہ انسان ذات جو امر ورثو آهي. مون
کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي. ۽ سچ تہ مون اڃا ڪجهہ
لکيو ئي ڪٿي آهي!" (صفحہ ٣)
ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ناظم حڪمت ترڪيءَ جو
هڪ وڏو انقلابي شاعر هو پر هو اياز وانگي خالي الذهن،
نعره باز ۽ بي عمل نہ هو. ناظم جارحانہ قوم پرستي نہ
پر مارڪسزم جو علمبردار هو. اسان کي هن جي نظريہ
سان بنيادي اختلاف آهي، پر مڃڻو پوندو تہ هن هڪ

اصول خاطر بيشمار قربانيون ڏنيون. قيد و بند جون صعوبتون برداشت ڪيائين، پر ڪنهن جي آڏو جهڪيو نه.

پاڻ ۱۹۰۲ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم استنبول مان حاصل ڪري اعليٰ تعليم لاءِ ماسڪو روانو ٿيو. جتي مارڪسزم جو گهرو مطالعه ڪيائين. اياز جو اهو چوڻ بالڪل غلط آهي ته جيل جي عرصي اندر ناظم گهڻو ڪجهه لکي نه سگهيو هو. حقيقت هن ريت آهي ته جيل جي اوقات کي غنيمت ڄاڻي ناظم جا گيت زندانيات جي ماحول ۾ لکيا ويا هئا. چو جو هڪ سياستدان ليکڪ لاءِ جيل جا لمحات نهايت ئي قيمتي آهن. اڻويهين صديءَ جي انگريز سياستدان بنجامن ڊزرئلي (Benjamin Disrali) چيو هو ته "عام ماڻهو جيل ياجلاوطني ۾ مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن، پر هڪ اهل قلم قيدي جي زندگي جا اهڙائي لمحات پيارا ۽ رس ڀريا ٿين ٿا"

"Other men condemned to exile and capitivity, if they survive, despair. The man of letters may reckon these days as the sweetest of his life,,

ناظم حڪمت به جيل جي لمحات جو پورو پورو فائدو ورتو. سندس بيتن جو مجموعو فرينچ زبان ۾ هن جي هڪ عقيدتمند مسٽر حسن گوريح (Hassan Gureh) ۱۹۵۱ع ۾ پئرس مان شايع ڪيو. ناظم حڪمت ۲ جون ۱۹۶۳ع ۾ ماسڪو ۾ وفات ڪئي.

کجا شيخ اياز، کجا ناظم حکمت!

”کرگس کا جهان اور، شاهين کا جهان اور“

اياز ۽ نذرالاسلام

حيرت جو مقام آهي ته اياز پاڻ کي قاضي نذرالاسلام کان مٿي ٿو سمجهي. شيخ مجيب سان پنهنجي تعارف جو قصو بيان ڪندي چوي ٿو ته ”سائين جي-ايم-سيد هن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي، هن کي چيو، سنڌ جي شاعر سان ملو. هن مون کي ڀاڪر پائي چيو ته هي شيخ اياز آهي نه؟ مان هن کي چڱي طرح سڃاڻان، هي اسان جي نذرل وانگي آهي. مون مرڪندي هن کي چيو، شيخ صاحب، مون ۾ ۽ نذرل ۾ هڪ فرق آهي. هو اڄا تائين مون کي ڏاهي نه سگهيا آهن. شيخ مجيب ٽهڪ ڏيئي چيو، هائو ڀاءُ تنهنجون رڳون وڏيڪ مضبوط ٿيون لڳن“. (صفحه ۷)

اوهان ملاحظه ڪيو ته ڪيئن نه شيخ صاحب پاڻ کي نذرل کان به اوچو ٿو سمجهي. اياز کان هڪ سوال ٿو پڇجان، توهان چئو ٿا ته مون ۾ ۽ نذرل ۾ هڪ فرق آهي. هو اڄا مون کي ڏاهي نه سگهيا آهن. پڇڻ وارا پڇن ٿا ته هن جو ضمير ڪنهن ڏانهن ٿو وري؟ اوهان جي عبارت مان صاف ظاهر آهي ته اوهان جو ۽ نذرل جو مقابلو ساڳئي تولي سان آهي، جن نذرل کي ته ڏاهي وڌو پر اوهان کي ڏاهي نه سگهيا. هنن جملن لکڻ سان اياز هڪ لمحه لاءِ به نه سوچيو ته نذرل کي ڪير ڏاهي

نه سگهيو، پر هو ويچارو قدرتي طرح پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويٺو. نذرل جي حياتيءَ جو مختصر احوال هن ريت آهي ته هو ١٨٩٩ع ۾ ضلع بردوران جي هڪ ننڍي ڳوٺ جوروليا جي هڪ زميندار خاندان جي گهر پيدا ٿيو. نذرل ١٨ ورهين جي عمر ۾ فوج اندر ڀرتي ٿي عراق هليو ويو، ان وقت پهرين مهاڀاري لڙائي لڳل هئي. هو ٻن هفتيوار بنگالي اخبارن جو ايڊيٽر به رهيو جي ١٩٢٤ ۾ بند ٿيون. هن حافظ شيرازي جي ڪلام جا بنگالي ترجما به ڪيا هئا. ١٩٣٨ ۾ هن جو دماغي توازن ٺيڪ نه رهيو ته پاڻ شاعري جو فن ترڪ ڪيائين نذرل پنهنجي زال سميت ١٩٥٣ ۾ علاج لاءِ لنڊن روانو ٿيو پر اتي ڪو به فائدو نه رسيس. هينئر نذرل ڪلڪته ۾ رهي ٿو. کيس گذران لاءِ هندستاني گورنمنٽ مان وظيفو ملي ٿو.

نذرل جي حياتيءَ جو احوال پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته هن ڪي ڪنهن ڏاهي نه وڌو، پر پاڻ ويچارو قدرتي طرح معذور ٿي ويو. اياز اسان کي ٻڌائي ته هن کي ڏاهڻ وارا ڪير هئا ۽ اوهان کي ڪهڙا ڏاهي نه سگهيا؟ اوهان کي گهرجي ته پنهنجي متعلق هن قسم جي ڏاڙ هڻڻ کان پاسو ڪيو. اوهان پنهنجي تعريف پاڻ ڇوٿا بيان ڪيو؟ شيخ سعدي جو هڪ شعر اوهان کي ٻڌايان ٿو. اميد ته ان کي پڙهي اڳتي لاءِ عمل ڪندا سعدي چوي ٿو ته:

"ثناء خود بخود کردن نه زیبد مرد داناء را
حظوظ نفس کے باید که زن پستان خود مالد

ياد رکڻ کپي ته جيڪو شخص پنهنجو پاڻ کي پڏائي، يقين ڪرڻ کپي ته نفسياتي طرح، اهڙو شخص ضرور ڪنهن نه ڪنهن ڪامپليڪس ۾ مبتلا هوندو. آئيء ويل اهڙا ڏاڙي ٻڌاڪي ڪوهين پٺي ويندا آهن. هام هڻڻ وارا ماڻهو سواء پنهنجي ذات جي ٻي ڪنهن سان به سچا نه هوندا آهن.

شيخ اياز ۽ سرمد

شيخ اياز ثانء ۾ ايترو ته ڦونڊجي ٿو جو پاڻ کي سرمد ٿو تصور ڪري. لکي ٿو ته "مان سياسي جانور نه آهيان پر پوء به تاريخ مون کي سياست ڏانهن ڌڪي، ان سان سلهاڙي ڇڏيو. سرمد سياسي ماڻهو نه هيو، پر پوء به تاريخ جي طوفان ۾ ويڙهجي ويو ۽ آخر اورنگزيب هٿان مارايو ويو. مان به سرمد وانگر آهيان. منهنجو به ڪو داراشڪوه آهي. ۽ ها ڪو اورنگزيب به منهنجي آڏو آهي. (صفحه ٦ ۽ ٧). مصنف جي لکڻي مان ظاهر آهي ته هو پاڻ کي موجوده دور جو سرمد ڪوٺي ٿو. پاڻ جيتوڻيڪ سياسي جانور نه آهي پر ان هوندي به سياست جي ميدان ۾ ڌڪجي ويو. سرمد به سياسي ماڻهو نه هو پوء به سياست ۾ ڦاٿو ۽ تاريخ جي طوفان ۾ ويڙهجي آخرڪار اورنگزيب هٿان ماريو ويو. اياز جي مٿين عبارت مان اظهرمن الشمس آهي

ته هن ڪي صوفي سرمد جي قتل جي واقعي جي ڪا تاريخي پروڙ ڪانه آهي. سرمد جو موت سياست جي مداخلت ڪري ڪونه ٿيو. اهو به نٿو پڌائي ته سرمد تاريخ جي طوفان ۾ ڪيئن ويڙهجي ويو؟ ان ڪري لازم آهي ته سرمد جي قتل جي واقعات کي بيان ڪجي.

سرمد جي متعلق مؤرخين لکيو آهي ته هو اصل ۾ ڪاشان (ايران) جو رهاڪو هو. سندس تعلق يهودي قوم سان هيو. مگر بعد ۾ مسلمان ٿيو ۽ تجارت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. پنهنجي وطن ايران مان لڏي واپار سانگي ٺٽي ۾ آيو ۽ هتي هڪ هندو ڇوڪري ابي چند تي عاشق ٿيو. سرمد پنهنجي سموري دولت لٽائي ۽ ڇرياڻپ جي حالت ٿيس. آهسته آهسته ڇوڪري تي به سرمد جو رنگ غالب پئجي ويو ۽ ٻئي ٺٽي کي ڇڏي دهلي پهتا. اهو دور شاهجهان جو هو. داراشڪوه به اڪثر سرمد وٽ ايندو هو. شاهجهان بادشاه عنايت نالي هڪ امير کي سرمد جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو. جنهن سرمد متعلق هي فارسي شعر پڙهيو.

"برسرمد برهنه ڪرامات تهمت است

ڪشفي ڪه ظاهر است، از و ڪشفي عورت است"

سرمد ڪپڙا وغيره ڪونه پائيندو هو ۽ اگهاڙو گهمندو ڦرندو هو. اورنگزيب بادشاه جي عهد ۾ ملا شيخ عبدالقوي وڏو عالم هو ۽ ڪيس اعتماد خان جو لقب مليل هو. شيخ عبدالقوي حڪم ڪيو ته سرمد

کي اگهاڙو گهمڻ نہ ڏنو وڃي ۽ کيس هڪدم ڪپڙا پارائجن. ملا صاحب سرمد کي گهرائي پڇيو تہ "عريان چراباشي" چو اگهاڙو آهين؟ سرمد وراڻيو تہ "شيطان قوي است" شيطان طاقتور آهي. بس عالمن اتفاق سان سرمد جي مارائڻ جي فتويٰ ڏني ۽ هو اورنگزيب جي حڪم سان قتل ڪيو ويو. جڏهن جلاد سرمد کي مارڻ لاءِ آيو، تہ سرمد ان وقت فارسي جو هيءُ شعر پڙهڻ لڳو:

"سر جدا کرد از تنم شوخيڪ باما يار بود
قصہ کوتاہ کرد ورنہ درد بسيار بود"

مشهور فرانسيسي سياح ڊاڪٽر برنير صاحب هندستان ۾ ١٦٥٦ کان ١٦٦٨ تائين پورا ٻارهن سال رهيو هو هن ان وقت "شاهجهان جا ايام اسيري ۽ عهد اورنگزيب" نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي جنهن ۾ سرمد جي قتل متعلق هي فرينچ ليکڪ لکي ٿو تہ "مان گهڻي عرصي کان سرمد نالي هڪ مشهور فقير سان جو دهلي جي بزارن ۾ اگهاڙو گهمندو هو، نفرت ڪندو هوس. هن نہ تہ اورنگزيب جي ڌمڪين جي پرواہ ڪئي ۽ نہ ان جي وعدن جو. ۽ آخرڪار ان جرم جي ڪري قتل ڪيو ويو چاڪاڻ تہ هن ڪپڙن پائڻ کان صفا نابري واري." (ڏسو ڪتاب مذڪور صفحہ ٣١٢) سرمد جي قبر دهليءَ جي جامع مسجد جي پرسان آهي.

سرمد جي قتل جو داستان مٿي بيان ڪيو ويو. ان مان قارئين بخوبي اندازو لڳايو تہ سرمد کي سياسي

اسباب ماتحت نه ماريو ويو، جيئن شيخ اياز اسان کي ٻڌائي ٿو، پر هن کي عريان هجڻ ۽ ٻين خلاف شرع ڳالهين جي ڪري سزا ملي هئي. اياز ڪيئن ٿو پاڻ کي سرمد سان ڀيٽي؟ معلوم ٿيو ته هن سرمد جو فقط نالو ٻڌو آهي پر هن جي ڪارنامن کان هو قطعاً واقف نه آهي: اياز جي نڪتن جو ته مون تفصيلي جواب ڏنو آهي. البته عام پڙهندڙن لاءِ صوفي سرمد جي قتل متعلق هڪ ضروري وضاحت ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان ڇو جو اسان جي سنڌ ۾ به ڪيترا صوفي بزرگ پيدا ٿيا آهن ۽ هت تصوف جو عروج رهيو آهي. ڪيترن ئي صوفين سرمد وانگي وجد ۾ اچي خلاف شرع ڪلام چيو آهي مولانا آزاد ته سرمد کي شهيد جو لقب ڏنو آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته شريعت جي قانون ۾ اهڙا صوفي قابل گرفت آهن يا نه؟ هن سوال جو شافي جواب علامه ابن خلدون پنهنجي مقدمي ۾ ڏنو آهي. علامه صاحب علم تصوف تي وڏو جامع بحث ڪيو آهي. آخر ۾ لکي ٿو ته ”سي کان آخر ۾ انهن لفظن جو معاملو اچي ٿو جن کي صوفي حضرات شطحات چون ٿا. شريعت وارا انهن جي گرفت ڪندا آهن، پر ان باري ۾ انصاف واري ڳالهه هي آهي جو هي ماڻهو ظاهري حواس وڃائي، عالم بي خودي ۾ هوندا آهن ۽ جو ڪجهه به انهن جي واتان نڪري ٿو، اهو بغير قصد ۽ ارادي جي آهي. ۽ هي صوفي اهڙين ڇوڻ لاءِ مجبور رهن ٿا ۽ مجبور ۽

معذور جي وٺ پڪڙ روا نہ آهي. هائي انهن مان جن بزرگن جي فضيلت تسليم شده آهي، انهن جي ڪلام کي اسين چڱيءَ معنيٰ ۾ وٺون، ۽ هن اصول کي پيش نظر رکندي تہ اسان جا ڇاتل سڇاتل الفاظ وجدانيت جي صحيح ترجماني مشڪل بيان ڪري سگهن ٿا. چنانچہ ابي يزيد ۽ انهن جهڙن ماڻهن کي عالمن هن سبب ڪري معذور سمجهي هنن کان درگذر ڪيو. ها جن جي فضيلت ۽ بزرگي شهرت جي حد تائين نہ پهتي، ۽ عام طرح خبر نہ پوي تہ تصوف ۾ انهن جو قدم ڪيترو پختو آهي، سندن مرتبو ڪيترو بلند آهي تہ انهن جي ناقابل تاويل ڪلام تي وٺ پڪڙ ٿيندي ۽ انهن کان منهن موڙڻ روا نہ آهي. اهڙيءَ طرح اهي بہ وٺ پڪڙ ۽ سزا جي لائق آهن جو هوش و حواس ۾ رهي پنهنجي حال تي قابو پائي اهڙو ڪلام زبان مان ڪڍن ٿا. چنانچہ فقيهن ۽ اڪابر صوفين انهيءَ سبب ڪري منصور حلاج جي قتل جو حڪم ڏنو هو." (مقدمہ ابن خلدون صفحہ ٤٥٢).

علامہ ابن خلدون جي ٻڌايل معيارن تي غور ڪري ڏسبو تہ سرمد جو قتل بہ منصور حلاج وانگي آهي. سرمد پاڻ چوي ٿو تہ "زمانو گذري ويو جو منصور جو آواز پراڻو ٿيو مان از سر نو ڦاهي جو جلوو ڏنو"

"عمريست کہ آوازهء منصور ڪهن شد
من از سر نو جلوه دهم دارو رسن را"

هتان هن جملي کي بہ سمجهي ڇڏيو. ڪيترائي ملحد اديب ۽ شاعر صوفياء جي گروهہ جي خلاف شرع ڳالهين ڏانهن اشارو ڪندا آهن ۽ چون ٿا تہ اسان کان وڌيڪ قابل مواخذہ تہ اهي صوفي آهن جن خدا جي شان ۾ گستاخانہ الفاظ ڪيا آهن. سندن هن اعتراض جو جواب بہ ابن خلدون جي مقدمہ مان مٿين ورتل حوالي مان بخوبي ڏيئي سگهجي ٿو. ابن عربي جي هن شعر "ڪفرت بدين الله فالکفر واجب" ۽ اياز جي هن شعر تہ "نہ الله باقي نہ انسان فاني" ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. پهريون فنا في الله تي اهي ڪلمات ظاهري حسن کي وڃائي عالم بي خوديءَ ۾ چوي ٿو. ٻيو فنا في المادیت ۾ ٿي هوش حواس سان خدا جو باغي ٿي هن جو مذاق اڏائي ٿو. ابن عربي جا الفاظ ابن خلدون جي تصريح مطابق تصوف جي اصطلاح "شطحات" ۾ شمار ڪجن ٿا ۽ شيخ اياز جا لفظ مغلظات، لغويات ۽ ڪفريات ۾ اچي وڃن ٿا. ٻنهي کي هڪ تارازي جي پڙ ۾ وجهڻ ۽ تورڻ انصاف جو خون آهي.

اياز ۽ سنڌ جا پروچ

اياز پنهنجي ڊائريءَ ۾ هڪ پروچ سان ڪيل گفتگو نقل ڪئي آهي. پروچ بابت لکي ٿو تہ "هن نهہ پهہ چيو گل خان ستو پيو آهي، پر تون (اياز) راجا ڏاهر راجا ڏاهر ڇو ٿو ڪرين؟ نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ! گهر آئي سان ڳالهائڻ جو عجيب ڍنگ هو. مون کي ڪاوڙ

اچي ويٺي ۽ مون هن کي چيو، مان راجا ڏاهر، راجا ڏاهر کيان ٿو يا نه، اها ڳالهه ته پنهنجي جاءِ تي پر گل خان نصير لکيو آهي ته بلوچ نمرود جي اولاد آهن؛ ڇا راجا ڏاهر نمرود کان به ويل هو“

(صفحه ١٢)

شيخ اياز کان پڇا ٿو ڪريان ته گل خان نصير ڪهڙيءَ تاريخ ۾ بلوچن لاءِ لکيو آهي ته هو نمرود جو اولاد آهن؟ بلوچن جي صحيح تاريخ جسٽس خدابخش مريءَ لکي آهي. اياز جو اهو لکڻ ته ڇا راجا ڏاهر نمرود کان به ويل هو، وقعت نٿو رکي. حقيقت هي آهي ته ڏاهر ملعون ۽ بي غيرت هو، جنهن پنهنجي بادشاهت بچائڻ لاءِ نجومي جي فال هيٺ تي پنهنجيءَ سڳيءَ ڀيڻ مائي مائين سان شادي ڪئي هئي. سائين جي-ايم-سيد صاحب جي ڪتاب ”سنڌ جا سورما“ جي جواب ۾ مون ناقابل ترديد حقائق سان هن قصه کي صحيح ثابت ڪيو. هي بحث فبروري ٧٥ جي رهبر ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿيو. اياز ۾ جيڪڏهن علمي جرئت آهي ته مون کي ان جو جواب ڏي. پروچ اياز کي صحيح چيو آهي ته هو ڏاهر ڪري ٿو. مون ساڳئي بحث ۾ ثابت ڪيو ته ڏاهر ۽ سندس پيءُ چچ غاصب، غير سنڌي ڏوراهين ملڪ ڪشمير جو رهاڪو هو. مون اهو به لکيو ته چچ ۽ روس جي بدنام راهب راسپوٽين جي اخلاق ۾ ڪو جوهري فرق نه آهي. اياز ۾ ڪو دم آهي ته

هو مستند تاريخي حوالن سان چچ گهراڻي کي سنڌي ثابت ڪري ڏيکاري.

باقي رهي ڳالهه ٻروچن جي ان نسبت اياز جي خلاف لڳايل الزامات' درست آهن. سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته چور جي ڏاڙهي ۾ ڪک، اياز به ٻروچن جو الزام لکت ۾ دهرائي ٿو يعني "تون ته چوين ٿو ته فقط سماٽ سنڌي آهن ۽ ٻروچ سنڌي نه آهن" اياز ڪٿي هن الزام جي سؤ دفعا ترديد ڪري، حقيقت هي آهي ته ٻروچن کان سخت نفرت ٿو ڪري. اوهان کي خبر آهي ته ڪنهن به ذات خلاف ڪو به شخص کليو کلايو ڪجهه نه لکندو آهي. اهو ڪهڙو ماءُ جو پٽ آهي جو ٻروچن خلاف ظاهر ڪجهه لکي. نفرت جي جذبات جو اظهار ته زباني طرح ڪبو آهي. سکر ضلع جي گشت دوران مون کي ڪيترن ئي ماڻهن ٻڌايو ته اياز سنڌ جي ٻروچن کان نفرت ڪري ٿو. اياز هڪڙي دفعي جيڪب آباد بار ۾ آيو هو. منهنجي هڪ پياري دوست مسٽر برڪت علي بلوچ اياز کان سنڌ جي بلوچن متعلق سوال ڪيو هو. مسٽر برڪت علي اياز جي خلاف افواهه ٻڌا هئا. اياز ڪيس اڻنگو ۽ نفرت ڀريل جواب ڏنو مسٽر برڪت علي مون سان خود هي سڄو داستان بيان ڪيو.

پين کي ڇڏي ڏيو. مون کي به هڪ دفعي شخصي آزموده ٿيو. گذريل مهيني اياز لاڙڪاڻه ۾ وزير

اعليٰ جتوئي صاحب کان انٽرويو ورتو آيو هو. منهنجي ساڻس ملاقات هڪ پياري دوست ۽ استاد جي جاءِ تي ٿي هئي. دوران گفتگو اياز مون کي چوڻ لڳو: ”هو پيٺيان بروچ ته ڏسو جي مخالفت ڪري رهيا آهن.“ ٿي سگهي ٿو ته بروچ ڪنهن جي مخالفت ۾ حق بجانب نه هجن، پر مان اياز کان پڇان ٿو ته منهنجي روبرو هن بروچن لاءِ ”پيٺيان“ جو لفظ ڇو ڳالهايو؟ ڇا اها نفرت جي نشاني نه آهي؟ اياز کي منهنجي متعلق خبر به نه هئي ته مان ڪو خالص بروچ نسل سان تعلق ٿو رکان ڇو جو منهنجو تعارف ميزبان اياز سان بعد ۾ ڪرايو هو.

نه فقط اياز، پر سنڌ جي مربي ۽ ذهني مرشد جويي صاحب جي ذهنيت به پڙهڻ ۾ ٿو اچي ته ساڳئي آهي. قارئين کي خبر ته هوندي اياز جي نياڻيءَ جي شادي جويي جي پٽ سان ٿي آهي. هن ٿي جويي جي متعلق مون کي مرحوم مصطفيٰ جيدر جتوئيءَ ٻڌايو هو ته جويو به بروچن کي ڌاريو ٿو سمجهي. حقيقت کي ڏٺو وڃي ته اهڙيءَ ذهنيت رکڻ وارا ماڻهو ئي سنڌ جا دشمن آهن. بروچ صدين کان وٺي هتي رهن ٿا. اسان جا ابا ڏاڏا هن ڌرتي هيٺ پوريل آهن. بروچن سنڌ تي حڪومت به ڪئي آهي. ڪو به غيرتمند بروچ سنڌ جو دشمن ٿي نٿو سگهي. مون کي هڪڙي دفعي ڪوئٽا ۾ هڪ قوم پرست بروچ شاگرد چيو ته سنڌ ۾ اوهان اسان کان

وڏيڪ تعداد ۾ رهو ٿا. پوءِ ڇو نہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پروچڪي ٻوليءَ ۾ نشريات جو بندوبست آهي؟ مون کيس ڪاوڙجي جواب ڏنو هو تہ اهڙي خيرخواهي اسان سان نہ ڪر. اسين سڀ سنڌي آهيون ۽ سنڌي اسان جي ٻولي آهي. لطيف اسان جو قومي شاعر آهي. اسان سنڌ جو پاڙي پيتو آهي. پروچ ڪڏهن بہ نمڪحرام نہ ٿيندو آهي.

منهنجي اياز وارن کي دردمندانہ اپيل آهي تہ هو سنڌ جي سڀني باشندن درميان ٻڌي، اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ ڪوشش ڪن. ان ۾ ئي اسان جو ڀلو ۽ چڱائي آهي. اسين سڀ مسلمان ۽ رسول عربي جي امت آهيون. اسلام رنگن، نسلن ۽ عصبيت کي مٽائڻ لاءِ آيو هو. اسان سان ڪنهن کي ڪنهن جي مٿان ڪا فضيلت نہ آهي. حبش جو ڪارو شيدي بلال ۽ روم جو صحيب اسلامي ملت ۾ داخل ٿي ويا. ”تبت يدا ابي لهب و تب“

”بلال از حبش صحيب از روم
زخاڪ مڪہ ابوجهل اين چہ بالعجبي است“

اياز جي شاعري

حقيقت هي آهي تہ اياز جي ڊائري جو هڪ جملو قابل گرفت آهي. پر مون کي ايترو تائيم نہ آهي. قارئين کي بہ وڌيڪ زحمت ڏيڻ گوارا نٿو ڪريان. هينئر اياز جي شاعري متعلق ڪجهہ معروضات پيش ڪندس. ترقي

پسند حلقي اياز جي حد کان وڌيڪ پروپئگنڊا ڪئي آهي. هنن ائين به لکيو ته شيخ صاحب چوڏهين صديءَ جو شاه لطيف آهي. سبحان الله! "چراغ مرده کجا" اياز به پنهنجي اجائي تعريف ٻڌي ڦوڪجي ويو آهي. اوهان متي پڙهي آيا آهيو ته ڪيئن نه پاڻ کي ناظم حڪمت، نذرل ۽ سرمد جهڙين شخصيتن جي قطار ۾ شامل ڪري ،ٿو. ٻين جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌي کيس "ثناءِ خود بخود کردن" جي عادت پئجي وئي. "ڪپر ٿو ڪن ڪري" جو مهاڳ ان لاءِ ڪافي ثابتي آهي. اياز جي شاعري جي پرک لاءِ نهايت ئي ضروري آهي ته "شاعري" جي توصيف لاءِ انگريزي ۽ مشرقي اديبن جا ڪجھ رايا پيش ڪجن.

انگريزي شاعري

انگريزي لٽريچر پڙهڻ وارن کي معلوم آهي ته سندن شاعري فقط ڇهه سو سال پراڻي آهي. پهريون انگريز شاعر جو فري چاسر (Chaucer) آهي جو ١٣٤٠ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٤٠٠ع ۾ وفات ڪيائين. چاسر کان اڳ شاعري جو ڪو پتو ڪونه ٿو پئي. قدامت جي لحاظ کان شاعري جي ميدان ۾ شايد عربن جو مقابلو ڪري ئي نٿو سگهجي. عرب شاعري جو پتو اسلام جي ظهور کان به ڏيڍ سو سال اڳ ملي ٿو. پهريون عرب شاعر جنهن قصيدي جي ابتدا ڪئي اهو مهلهل بن ربيع هو، جو امراءالقيس جو مامون ٿئي. اموي دور جو

مشهور شاعر فرزدق چوي ٿو تہ "پهريون پهريون شاعر مهلهل هو و مهلهل الشعراء ذاک الاول" انگريزن جي. شاعري ۽ سندن لٽريچر ڇهہ سو سال قديم آهي ان ڪري ڇهن سو سالن کان سندن اڳ جي قومي تاريخ معدوم آهي. انهن وٽ سواءِ ڏند ڪٿائن ۽ ڏکن جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي. ان جي برعڪس عربن جي شاعري ۽ لٽريچر جي حفاظت ٿي، ان ڪري سندن قومي تاريخ بہ پراڻي ۽ دلچسپ آهي. انگريزي ادب ۾ شاعري جي توصيف لاءِ مختلف اديبن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا. ان کان بعد مشرقي شاعري بابت پنهنجا خيال پيش ڪندس.

(۱) جارج ايلٽ (Eliot) مشهور خاتون اديبہ پنهنجي ناول (Middle March) شايع شده ۱۸۷۲ع شاعر متعلق چوي ٿي تہ:-

"To be a Poet is to have a soul......... in which knowledge passes instantaneously into feeling and feeling fiashes back as a new organ of knowledge"

(۲) هربرٽ اسپينسر (Spencer) شاعري کي بيان ڪندي چوي ٿو تہ:-

"As a form of speech for better expression of emotional ideas,,

(۳) مٿيو آرنالڊ (Arnold) شاعري جي معنيٰ وني ٿو

"Poetry is at bottom a criticism of life"

(٥) آرنالڊ جي مٿين جملي تي ٽي - ايس - ايلٽ (Eliot) گرفت ڪئي آهي چوي ٿو ته

"Arnold might just as well have said that Christian worship is at bottom a criticism of Trinity"

(٤) ڪرسٽافر فراءِ (Fry) شاعري بابت چوي ٿو :-

"Poetry is the language in which man explores his own amazement"

۾ آخر ۾ ڪلائيو سانسم (Sansom) جي شاعري بابت جامع تعريف به نقل ڪرڻ جي لائق آهي. چوي ٿو ته

"Poetry is rhythmical form of words which expresses an imaginative - emotional - intellectual experience of the writers and expresses it such a way that it creates a similiar experience in eth mind of his reader"

انگريزي شاعري بابت اوهان مٿي نامور اديبن جا رايا پڙهيا آهن. منهنجي خيال ۾ مغربي شاعري جي مشرقي شاعري سان ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي. ڇو جو انهن جا اقدار (Values) اسان کان قطعاً مختلف آهن. هن سلسلي ۾ پنجاب يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسلر مرحوم حميد احمد خان جو هي جملو ناقابل فراموش ۽ حقيقت تي مبني آهي. پروفيسر حميد انگريزي زبان جو

وڏو ڄاڻو ۽ انشاپرداز هو. پاڻ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ انگريزي پڙهائيندو هو. مرحوم جي زباني آهي تہ هڪڙي ڏينهن مون پنهنجي هڪ انگريز دوست کي چيو تہ ”اوهان جي شاعري مون کي ايتري سمجهہ ۾ نٿي اچي“ سندس انگريز رفيق حميد احمد کي برجستہ جواب ڏنو ”ڇاڪاڻ تہ تون عيسائي نہ آهين“.

اياز بہ مشرق جو شاعر آهي. ان ڪري سندس شاعري جي پرک لاءِ مشرقي زبانن جي اديبن ۽ فاضلن جي راءِ کي ملحوظ رکڻ کپي جن فن شاعري متعلق عرق ريزي ڪري نهايت ئي املهہ لٽريچر فراهم ڪيو آهي. سڀ کان اڳ ۾ اچو تہ پنهنجي شاعري متعلق خود اياز جي راءِ پيش ڪجي. اياز ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ ”گهڙي جو پاڻي ڪاڙهي وانگر ٿو لڳي. ها پر وان گوگ (Von Gogh) وانگر گرمي منهنجي فن لاءِ وڏيڪ سازگار هوندي آهي. جنهن کي منهنجي شاعريءَ جي تخليقي ڪيفيت کي سمجهڻو هجي، ان لاءِ وان گوگ جي مصوريءَ جو اڀياس ضروري آهي“ (ص ۴). مان شيخ اياز کان پڇان ٿو تہ اوهان سنڌي شاعر آهيو. سنڌ مان سواءِ اوهان جي ٻئي ڪنهن وان گوگ جي مصوري جو اڀياس ڪيو آهي؟ معنيٰ تہ اوهان پنهنجي شاعري ۽ ان جي تخليقي ڪيفيت رڳو پاڻ سمجهو ٿا. اهو ئي سبب آهي تہ اوهان جي شاعري بابت سنڌ ۾ عام شڪايت آهي تہ اها

سمجھ کان ٻاهر آهي. اياز جي مقابلي ۾ شاه لطيف جيتوڻيڪ سترهين صدي جو شاعر آهي، پر ان جو ڪلام ماڻهو سمجهن ٿا. اهو عام فهم آهي ۽ اڄ تائين جهر جا جهانگي به پيا جهونگارين. سبب هي آهي ته لطيف جي شاعرانه ڪيفيت لاء اسان کي وان گوگ جهڙن مصورن جي اپياس ڪرڻ جي ضرورت ڪا نه آهي. اياز جي شاعري، عام فهم نه هئڻ ڪري عوامي نه آهي ۽ عوامي نه هجڻ ڪري انقلابي نه آهي

اياز جي شاعري بابت جويي جي راء

اياز متعلق عام طرح مشهور آهي ته ذهني طور هو جويي جي پيداوار آهي. سندس بيتن جي مجموعن جا مهاڳ اڪثر جويو صاحب پاڻ لکندو آهي. اياز جي مجموعي "ڪي جو پيچل پولبو" جي مهاڳ ۾ سندس شاعري بابت جويو لکي ٿو ته "اياز پنهنجي ۽ ٻولي ۽ ڪي ڪتابي ٻولي ۽ مان ڪيري عوامي ٻولي ۽ سان مالامال ڪري، ان کي ايڏي وسعت ۽ تازگي ڏني آهي جو سنڌي شاعري سمورا بند ڀڃي هڪ پيرو پيهر اڳتي وڌي آهي، ان مان نوان لفظ، نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيه هاڻي ڪتثائي نه آهن ۽ ان جي فڪر ۽ جذبي جي اجهل پالوٽ هاڻي بيهڻي ئي نه آهي". (صفحه ٢٨)

اياز جي شاعري بابت عوامي ٻولي ۽ جو هي سرٽيفڪيٽ جويي صاحب جولاء ١٩٧٠ ۾ ڏنو آهي. پر حيرت آهي جو ٽن سالن گذرڻ بعد جويو پاڻ اعتراف

ڪري ٿو ته اياز جي شاعري ساڳئي وقت ڪجهه عام ۽ مٿاڇري سمجهه کان مٿي به آهي. اياز جي بيتن جو مجموعو "وڄون وسڻ آئيون" جو مهاڳ مسٽر جويي صاحب آگسٽ ١٩٧٣ ۾ لکيو آهي. "اياز جي شاعري متعلق لکي ٿو ته اياز جي شاعري پنهنجي بي ساختگي ۽ ٻوليءَ جي سادگي سبب عام جي شاعري ته آهي، پر ساڳئي وقت ڪجهه عام ۽ مٿاڇري سمجهه کان مٿي به آهي". (مهاڳ وڄون وسڻ آئيون) اياز جو ڪلام سمجهه کان مٿي ان ڪري نه آهي جو ان ۾ فلسفه، منطق ۽ حڪمت جون ڳالهيون آهن، پر في الحقيقت، ان جون تشبيهون، استعاره، جملن جون ترڪيبون سڀ غلط ۽ بي بنياد آهن. ١٩٦٧ ۾ منهنجي ملاقات شيخ حفيظ سان "شهيد ممتاز علي ڪوڪر" جي ڪورٽ ۾ ٿي هئي. مارڪسزم متعلق گفتگو جو آغاز ٿيو ۽ اياز جي شاعري تي ان جو اختتام ٿيو.

حفيظ مون سان گهرو ٿي ويو هو. چوڻ لڳو ته تون رجعت پسند ٿي ڪري به مارڪسزم جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي. ۽ هتي اسان جي وڏن ڪامريڊن جي معلومات به ناقص هوندي آهي. حفيظ کي پياري موڊ ۾ پسي مون ڪانٽس اياز جي شاعري متعلق سوال ڪيو. جواب ڏنائين ته اياز جي شاعري معنيٰ "ڏيئي ۾ نڪريون" حفيظ جو تبصره مبني بر حقيقت آهي. مون سان ڪراچي جي ڪن دوستن ڳالهه ڪئي ته سنڌ جي هڪ وڏي حاڪم

جي محفل ۾ اياز پنهنجي دوستن جي معرفت پهچي ويو
اتي اياز ان سياستدان کي پنهنجا انقلابي گيت ٻڌائڻ
لڳو. حاڪم اياز جو ڪلام ٻڌي کيس مخاطب ٿي چوڻ
لڳو ته "اياز! شيرل باداهي ٻه چڱو شاعر آهي." غور
ڪري ڏسبو ته هي سنڌي سياستدان اياز جي ڪلام
کي سمجهي نه سگهيو ڇو ته هن وان گوگ جو مطالعو
ٿي ڪو نه ڪيو. ان جي برعڪس شيرل باداهي ته عوامي
شاعر ليکجڻ ۾ اچي ٿو. ننڍي هوندي مون هن جون
ڪي ڪافيون ٻڌيون هيون جي مون کي اڃا تائين ياد
آهن. جيئن ته:

پنجون پنهنجا پراوا ٿيا
ڇهون ڇڙٻ ڏين هر هر
ستون ساري زماني ۾ بدنام ٿيس گهر گهر
اٺون آگ اندر دل ۾ نائون نازڪ ويو ٻاري
ڏهون ڏکڙا ٻه شيرل لئي الله آهن خلقيا (وغيره)

اياز جي شاعري ڪيترن ئي سببن ڪري ناقص
آهي. ان جو شايد هي سبب آهي ته سنڌ ۾ اصلاح لاءِ
ڪو ڪامل استاد يا رهبر ڪو نه مليو. سائين جي. ايم سيد صاحب
پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سان" ۾ انڪشاف
ڪيو آهي ته اياز پنهنجي شاعري جي اصلاح هڪ هندو
شاعر فاني ڪشلداس کان ڪرائيندو هو. فاني هڪ اڻ
سڃاتل شاعر آهي. اهڙي غير معروف شخص جي استادي
۾ اياز ڇا پرايو هوندو! ڪشلداس جو سنڌي شاعري ۾

به ڪو وڏو مقام نه آهي. استاد جو پاڇو شاگرد تي پوندو آهي. سڪندر بادشاهه وڏو عالم ۽ دبدبي وارو حاڪم هو. جنهن ڪتي فتحون ڪري اتان ڪتاب هٿ ڪري يونان ڪٺي ويندو هو. ۽ ابن خلدون جي تحقيق مطابق تمام يوني علوم ايراني ڪان منتقل ٿي آيا هئا. علامه صاحب لکي ٿو ته "سڪندر بادشاهه دارا کي قتل ڪري اتان ڪيترن ئي ڪتابن جو ذخيره گڏ ڪري يونان ۾ ڪٺي آيو ۽ ان طرح يوناني علوم جو چرچو ٿيو". سڪندر علم جو شائق ان ڪري هو جو هو ارسطو جهڙي شخص جو شاگرد هو جنهن کي معلم اول ڪونجي ٿو. هوشيار، فاضل ۽ ماهر فن استادن جا شاگرد به چڱا ٿا. شاعري جي فن ۾ اياز جو استاد فاني ڪٺلداس جهڙو هڪ اناڙي آهي ته شاگرد تي به اهڙو اثر ٿيڻ لازمي آهي. اياز جي شاعري مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هن غير مانوس، غلط محاوره ۽ بازاري زبان استعمال ڪئي آهي ۽ محققين اهڙي شاعر کي ناقص تسليم ڪيو آهي.

شاعري متعلق ابن خلدون جي راءِ

ياد رهي ته علامه ابن خلدون پنهنجي شاهڪار "مقدمه" ۾ "فن- شعر ۽ ان جي تعليم جي طريقي بابت" وڏو عالمانه بحث ڪيو آهي. لکي ٿو ته "جيترو ٿي سگهي جملن ۾ ڏکين ترڪيبن کان پاڻ کي بچائجي جملا اهڙي خوبصورتيءَ سان اڏجن جو الفاظ ڪ اڳي

۾ ان جي معنيٰ ذهن نشين ٿئي. هڪ شعر ۾ وڌ ۾ وڌ معاني وجهڻ کان به پاسو ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح سمجهڻ ۾ هڪ قسم جي پيچيدگي پيدا ٿئي ٿي. پسنديده ۽ عمده شعر اهو آهي، جنهن جا الفاظ ان جي معنيٰ مطابق هجن، ۽ معاني جي پوريءَ طرح ترجماني ڪندي جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ الفاظ کان زياده معنيٰ پرجي ته ان جو شمار "حشو" ۾ ٿيندو ۽ معنيٰ ڳولڻ لاءِ ذهن کي تڪليف ڏيڻي پوندي. ۽ ذوق بلاغت جي محتاج کان محروم رهجي ويندو. شعر ان وقت آسان ٿئي ٿو، جڏهن ان جي معنيٰ ان جي الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ذهن ۾ چڙهي. شاعر کي غير مانوس الاستعمال الفاظ کان بچڻ کپي ۽ اهڙن لفظن کان به جي معنيٰ جي صحيح ترجماني کان قاصر هجن. اهڙيءَ طرح بازاري ۽ مبتذل الفاظ کان به پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. ان کي هرگز استعمال نه ڪري. ڇاڪاڻ ته هن قسم جا الفاظ قصيده کي بلاغت جي درجي کان ڪيرائين ٿا ۽ قصيده ۾ شريفانه حيثيت باقي نٿي رهي. ۽ قريباً ان جي افادي حيثيت ختم ٿيو وڃي ٿي". [مقدمه ابن خلدون حصه ۲ صفحه ۴۸۵۴۷ مترجم مولانا راغب رحماني]

شاعري جي فن بابت اوهان دنيا جي هڪ عظيم ترين فاضل شخص جي راءِ مٿي پڙهي آيا. مهرباني ڪري ابن خلدون جي جملن کي غور سان پڙهي دل ۾ هنڊايو

انهن ڏسيل معيارن تي اياز جو شعر پرکي ڏسو. صاف معلوم ٿيندو ته اياز ان تمام اوصاف کان خالي آهي. اياز چوي ٿو ته:

”موت اسان جو پاڇو آهي
کارونجهر آ ڪاچو آهي
منڇر آهـــي مياڻي آهـــي
سانوڻ جي سومهياڻي آهي“.

غور ڪري ڏسبو ته اياز جون تشبيهون غلط ۽ سڄو شعر معاني کان خالي ۽ ٻولي بازاري. موت ڪيئن اسان جو پاڇو، ڪارونجهر يا ڪاڇو منڇر يا مياڻـي آهي؟ انهن اسمن جي موت سان ڪهڙي نسبت آهي. بيشڪ الفاظ ته آهن پر انهن جي معاني جو سراغ ڪيئن لڳائجي؟ ابن خلدون جهڙو محقق اسان کي ٻڌائي ٿو ته شعر ان وقت آسان ٿئي ٿو، جڏهن ان جي معاني الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ذهن تي چڙهي. اياز ۽ ان جا عقيدت مند خوش ٿا ٿين ته مٿين شعر ۾ هن موت جو فلسفو بيان ڪيو آهي. مان هتي اياز جي هڪ همخيال اردو شاعر چڪبست جو موت متعلق هڪ شعر نقـل ڪيان ٿو. موازنہ ڪري ڏسبو ته اردو شاعر جو پنهنجي فڪر جي لحاظ سان شعر ڪيڏو نه بلند ۽ معنـي خيز آهي چڪبست چوي ٿو ته:

”زندگي ڪيا هي عناصر مين ظهور ترتيب
موت ڪيا هي انهي اجزاءَ ڪا پريشان هونا“

اياز هڪڙي هنڌ چوي ٿو

”جي تو آ ڪوراڙ ڏني ڪا، هي ٻه ڏنو ٿو ان جا ليڪا
ٿيءَ تي جو وقت رهن ٿا، سپ ساسي تن ڪان چرڪن ٿا“.

شعر تي غور ڪري ڏسبو ته اياز جي قوت مشاهده ڪمزور آهي. نانگن جي جنس مان سپ ڪان وڌيڪ خطرناڪ ڪاريهر نانگ آهي ۽ نه ڪوراڙ نانگ جيئن شاعر اسان کي ٻڌائي ٿو. پر جي ڪوراڙ نانگ ڏي ڀوائتو آهي ته اياز وضاحت ڪري ته مٿيءَ تي رهڻ وقت انهن ڪوراڙن ڪان سپ ساسي ڪيئن چرڪن ٿا؟ مثلا نور ٻہ هڪ ساسي آهي، ڇا هو نانگ ڪان چرڪندو آهي؟ اياز کي خبر هئڻ کپي نور جهڙو ساسي نانگ جو ويري آهي. ڪارو نانگ نور کي ڏسندو آهي ته ساهه ڇڏي ويندو اٿس. نور جهڙو ساسي هميشه نانگ تي غالب پوندو آهي. ثابت ٿيو ته اياز جي شاعري حقائق کان هٽيل، بي ترتيب ۽ بزاري آهي. ڪيس علماء ادب ۽ فاضلن جي لکڻ موجب وڏو شاعر شمار ڪري نٿو سگهجي.

اياز چوي ٿو ته

”هاءِ اکين وٽ ڏورا تنهنجا، هي هي نين
ڪئورا تنهنجا جن ۾ بوند نه ڪائي، سانجهي آئي“.

نيڻ جي تشبيهہ ڪٺوري سان ڪيڏو نه اڻ وڻندڙ آهي. ۽ سانجهي آڏي جي ترڪيب ڪهڙي معني تي رکي؟ اي مخاطب تنهنجي اکين ۾ بوند نه ڪائي،

سانجهي آڏي، ڪيڏو نه بي ربطو آهي.
ايا ز ٻولي ٿو: ”ڪنهن سان پريت لڳايئي پڳلي
جو اڄ راس نه آيئي پڳلي“
جويو صاحب چوي، ٿو ته اياز پنهنجي شاعري ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ ڏنا آهن. پڳلي سنڌي لفظ آهي؟
”مون جو پريو ٻاجهه سان، ڪالهه اڄايل ٻڪ
ڏين ٿو وهه جو ڍڪ، ان ڪارڻ تون ڪوٺ ۾“
اڄايل ٻڪ جو اصطلاح بي معنيٰ آهي، توهان ان ڪي ٻاجهه سان ڪيئن پريو؟
علامه ابن خلدون شعر گوئي جي اصول ۽ فن بابت آخر ۾ ابن رشيق جو هڪ املهه نظم نقل ڪيو آهي. ان کي پڙهي اياز جي شاعري/ اکين اڳيان ڦري ٿي. نظم جو اطلاق سو في صدي اياز جي شاعري تي ٿيندو. ان جو ترجمو نقل ڪجي ٿو.
”الله شاعري ڪي غارت ڪري، جنهن جي بدولت اسان کي قسمين قسمين جاهلن سان واسطو پيو آهي. هي جاهل زود فهم ۽ آسان شعرن تي مشڪل شعرن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ ناممڪن کي ٺيڪ ۽ خسيس ڪلام کي هڪ قيمتي شيءِ سمجهن ٿا. هو صحيح اشعار کان ناواقف رهن ٿا، ۽ جهالت جي ڪري پنهنجي جهالت کي سمجهن نٿا. شعر اهو آهي جو نظم ۽ مناسب هجي، جيتوڻيڪ انواع جي لحاظ کان اهو قسمين قسمين هوندو آهي. شعر اهو آهي جو مطلب جي ادائگي جي

انتها کي پهچي. گويا الفاظ هن جو چهرو بڻجن ۽ انهن الفاظ تي سوار ٿيندڙ معاني هن جون اکيون هجن. اهو (شعر) مقصد ۾ آرزوئن جي مطابق هجي، جنهن جي حسن کان پڙهڻ وارا به حسين لڳن. بهترين شعر اهو آهي جنهن کي منظم ڪرڻ بعد تنقيدي نگاهه سان ڏٺو وڃي. اگرچه اهو واضح ۽ روشن چٽو نه هجي، ۽ آخر ۾

فـــاذا قيل اطمع الناس طـــراً

و اذاريـــم اعـجـز المعجزينا

"جڏهن اهڙا شعر ٻڌجن ته ماڻهو هي سمجهن ته اسان به اهڙا شعر چئي سگهون ٿا. پر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪن ته چئي نه سگهن." (مقدمه ابن خلدون حصه ٢ صفحه ٥٤٨، ٤٩)

هي آهن شعر گوئي جا اصول جي ماهرين فن بيان ڪيا آهن. اياز جو شعر پڙهي پڙهندڙن کي اهڙي ڪابه تمنا پيدا نٿي ٿئي ته ڪاش هو به اهڙو شعر چون. لطيف جي شاعري ان معيار تي پوري ٿي اچي. ترقي پسند حلقن ۾ اياز کان علاوه ٻيا اهڙا آهن، جن جي شعر ۾ لطافت آهي. انهن جا محاوره صحيح آهن ۽ حتي الامڪان غيرمانوس ۽ بازاري زبان جي استعمال کان گريز ڪندا آهن. مثلا عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني ۽ ذالفقار راشدي جي شاعري. ترقي پسندن وٽ انهن غريبن جي پروپيگنڊا نه آهي. اياز پٺسي ڏوڪڙ وارو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته جويي صاحب، سراج ميمڻ ۽

پير حسام الدين راشدي جو دوست آهي. ان ڪري پريس ۾ هن کي شهرت ملي ٿي. دودي سومري جي ڪهاڻي وٺو. اياز ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ ۾ هي منظوم ڪهاڻي لکي آهي. هڪ ٻئي ترقي پسند شاعر جناب نياز همايوني به هيءَ آکاڻي نظم ۾ لکي آهي ۽ ”ساڻيهه جي ساک“ نالي هڪ ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي آهي. پڙهي ڏسو ته اياز جي مقابلي ۾ نياز جي ڪاوش ڪيڏي نه بلند ۽ شاعري جي عروج تي آهي. اياز جي شاعريءَ جي خوب پروپئگنڊا ڪئي وئي آهي. ان ڪري ضروري آهي ته علامه ابن خلدون ڪانسواء ٻين مشاهير جا رايا نقل ڪريون. ان نموني سان ئي پڙهندڙن جا ذهن صاف ٿيندا ۽ حقيقت کي سمجهي سگهندا.

فن شاعري متعلق ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ

حضرت لاڪيڻي لطيف جي رسالہ جو شارح ڊاڪٽر هوتچند ولد مولچند گربخشاڻي هڪ وڏو اديب ۽ نقاد ٿي گذريو آهي. آنجهاني ڊاڪٽر صاحب فارسي زبان ۾ پي. ايچ. ڊي هو ۽ سنہ ۱۹۴۶ ۾ وفات ڪيائين. فارسي، سنڌي، انگريزي ٻولين تي عبور رکڻ ڪري فن شاعري متعلق به وڏي معلومات هوندي هئس. شعر متعلق هي فاضل شخص لکي ٿو ته ”شاعر ۾ نہ فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، مگر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان

صنعت جي وسيلي، پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾، اهڙيءَ سليس مگر رنگين عبارت ۾، اهڙن نون ويسن ۽ وزنن ۾ ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڪشش وٺن، ۽ اها نقش ڪيل تصوير سندن اکين اڳيان پئي ڦري. ان سواءِ وزن ۽ قافيہ جو هجڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لذيذ ۽ لطيف ٿئي ٿو. پر ڪلام اهڙو هجڻ گهرجي، جو ماڻهن جي دلين تي ٻجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شاعر ۾ هجڻ واجب آهي، جن جي دوران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شاعر جي آخرين منزل آهي. اهي خاصيتون آهن:- فصاحت بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش.

فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هر هڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابہ تڪليف يا هٻڪ نہ ٿئي. اهو نمونو نہ فقط ڪڏهن، مگر هميشہ شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نہ تہ سندس ڪلام کي فصيح نہ چئبو. بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ طرح طرح جا پور ۽ جذبا اٿن ٿا، ڪڏهن غم ۽ غصو، ڪڏهن کل ۽ خوشي، ڪڏهن گهٽي ۽ فڪر، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهن عشق

۽ محبت، ڪڏهن بي تابي ۽ ٻيقراري وغيره.
شاعر کي اهي سڀئي حالتون اهڙيءَ صفائيءَ ۽ درستيءَ
سان مختصر، مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن،
جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڏيان کڻي وڃي ۽ سندس
سحرنگاريءَ تي موهت ٿي پون.

سلاست جي معنيٰ آهي ته ڪلام ۾ اهڙا لفظ
ڪم آيل هجن جي روزمره ماڻهو استعمال ڪن ٿا، ۽
استعاره، تشبيهون، ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون
ساديون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن،
۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان
مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سڀ کان سهڻو
شعر انهيءَ کي چئبو، جو جڏهن ڪو ماڻهو ان کي
پڙهي يا ٻڌي، ته از خود ائين چوي ته سچ آهي، ۽
ان جي سلاست ۽ سادگيءَ کي ڏسي، دل ۾ اچيس ته
اهڙو ڪلام آءٌ پڻ چئي سگهان ٿو. مگر جڏهن چوڻ
جي ڪوشش ڪري، ته وايون ٻطال ٿي وڃنس. ابن
رشيق قيرواني پنهنجي ڪتاب ”العمده“ ۾ اهڙي شعر بابت
هيئن ٿو چوي:

فاذا قيل اطمع الناس طرا، واذا ريم اعجز المعجزينا

جدت جي هيءَ مراد آهي ته شاعر کي گهرجي،
ته مضمون اهڙا علحده علحده اختيار ڪري، جن تي
ٻين شاعرن طبع آزمائي نه ڪئي هجي، يا جيڪڏهن
ڪئي هجين، ته به ان کي اهڙي طرز ۽ نموني ۾ ادا

ڪري جو ائين معلوم نہ ٿئي تہ ڪنهن جـو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ازانسواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون نون طريقن سـان بيان ڪري، ۽ هڪڙي خيـال کـان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جـو پڙهندڙ جو ڌيان ٽٽي نہ وڃي ۽ جمان ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هجي، جو پاڻئجي تـہ اهـي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اڌما ڏيئي نڪتا آهن." (شاهہ جو رسالو جلد پهريون ڇاپو ٻيو صفحہ ٧٩ کان ٨١ تائين از: ڊاڪٽر گربخشاڻي آر. ايچ. احمد حيدرآباد)

آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب شاعريءَ متعلق نهايت ئي قيمتي ۽ حقيقت افروز خيالات جو اظهار ڪيو آهي. معلوم ٿو ٿئي تہ هو علم - شعر جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو آهـي. اياز جـي شاعري انهـن لازوال اصولن ۽ معيارن تي هرگز پوري نٿي اچي. اياز وٽ شاعريءَ جي صنعت اڻلڀ آهـي ۽ سندس ڪلام فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش کان خالي آهي. اياز جي شاعري ۾ وزن ۽ قافيہ جو ڪو خيال نٿـو ڪيو وڃـي. اياز چوي ٿو تہ:

هلو ڙي هوتـا! وڙهندا هلو ويڙهہ ۾
برن ۾ بوتا، متان روڪيو رات جو!"

ڪيڏو نہ بي سرو ڪلام آهي. رات جـو برن ۾ بوتا روڪڻ ڪيڏو نہ بي معنيٰ شعر آهـي. اهڙو ڪلام ڪيئن ٿو ماڻهن جـي دلين تـي بجليءَ جهڙو اثر پيدا

ڪري؟ اياز جو هڪ بند آهي تہ ”جيئن ھڏي اپ ۾ وهائو تارو“ سنڌيءَ ۾ ائين ڪونہ چوندا تہ تارو اپ ۾ ھڏي ويو. چوندا آهن تہ تارو لهي ويو. سج لٿو يا چنڊ غروب ٿيو. ان ڪري سنواري ڪونہ ٿو. ياد ڪرڻ گهرجي تہ شاعر ٻولي ڪي لفظن سان مالا مال ڪندا آهن، بگاڙيندا هرگز نہ آهن. هڪ شاعر جي ڪلام مان ئي ٻولي سکبي آهي. انگريزي، اردو، سنڌي، عربي وغيره ٻوليون سکڻ چاهيو تہ شيڪسپيئر، غالب، لطيف ۽ امرالقيس ڪري پڙهو. خود قرآن مجيد جي مفسرين عربي الفاظ جي معنائن معلوم ڪرڻ لاءِ ايام جاهليت جي وڏن وڏن شاعرن جي ڪلام کي سند طور پيش ڪيو آهي ڇو جو ٻولي شاعرن جي ڪلام مان سکبي آهي. اياز سنڌي جا غلط محاوره ۽ اصطلاح ڪم آڻي، هن ٻوليءَ جي ستياناس ڪئي آهي. اهڙو شخص ڪيئن ٿو ڪامل شاعر ٿي سگهي؟

اياز چوي ٿو تہ:

”هت پل تہ ڇني پيو مرون ساڻهوءَ ماس
آهي تنهنجي اوجهہ ۾ افريقا جو قياس

سنڌي ۾ چوندا آهن تہ دل ۾ قياس ڪر، اوجهہ ۾ قياس ڪرڻ اهڙو محاوره آهي جو اياز ئي استعمال ڪري سگهي ٿو غرض تہ:

”تون ڇئين ۾ ڪچان
تون ڇئين ۾ اڇان

پر تو کان هڪڙي ڳالهہ پڇان
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين
اعلان هزارين مان نہ رکو"

سوال آهي تہ "اعلان هزارين" جو "مان نہ رکو" سان ڪهڙو واسطو آهي. هيءَ طرح سنڌي زبان جي هڪ ٻئي شاعر مولانا عبدالغفور همايوني مرحوم (تخلص مفتون) پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪئي آهي جتان اياز چورائي آهي پر پاڻ غلط استعمال ڪئي اٿس. مولانا مرحوم (وفات ١٩٦٨ع فرمائي ٿو:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رکو.
تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي مهمان هزارين مان نہ رکو.
تنهنجي جلوه جمال جي عشوه گري،
تيا ملڪ مطيع وسيع وري
چا جن و ملائڪ حور و پري،
دربان هزارين مان نہ رکو.

ڏسو تہ ڪلام ڪيڏو نہ شاعرانہ خوبين سان معمور آهي ۽ اياز جي هي مصرع "تو کان هڪڙي ڳالهہ پڇان اعلان هزارين مان نہ رکو" غلط، بسو ۽ اڻ وڻندڙ آهي. اياز پنهنجي شعر ۾ اظهار آزادي لاءِ تڙپي ٿو ۽ مخاطب کي چوي ٿو تہ مون کان ڪچھ لکڻ جي اجازت نہ سلب ڪئي وئي آهي. غالب بہ ساڳي شڪايت ڪري ٿو. ڏسو تہ اياز جي مقابلي ۾ غالب جو شعر ڪيڏو نہ فصيحانہ ۽ دل ۾ چڀندڙ آهي. غالب چوي ٿو تہ:

”ابن مریم ھوا کرے کوئی
میرے درد کی دوا کرے کوئی
بات پر وان زبان کٹتی ھے
وہ کھین اور سنا کرے کوئی

فن شعر بابت علامه آءِ آءِ قاضي جي راءِ

سنڌ يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسيلر علامه آءِ آءِ قاضي جو هڪ ڪتاب (Casual Peepsat Sophia) نالي سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو آهي. هن ڪتاب جي صفحه ٦٣ تي علامه صاحب شاعريءَ متعلق مجمل معيار بيان ڪيا آهن. انهن کي پڙهي تسليم ڪرڻو پوندو ته اياز جي شاعري انهن معيارن ۽ ڏسيل ڪسوٽين تي هرگز پوري نٿي اچي.

اياز ۽ سارتري

”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ جي صفحه ١٧٢ تي اياز مشهور فرينچ فلسفي ۽ ناول نويس زاپال سارتري (Jean Saul Sartre) کي خطاب ڪري چوي ٿو ته:

”مان سوچان ٿو سارتري! اوچو سو انسان،
بيهي جيڪو باهه سان، ڪري پاڻ سنان،
ڪرو تنهنجو گيان، رکو متيون لوڪ کي“.

ياد ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن تاريخي شخصيت کي شعر ۾ بيان ڪرڻ جي اها مراد آهي ته هن جي صحيح تصوير مع افڪار و نظريات جي آڏو اچي. سارتري

بابت اياز جا چيل شعر پڙهي پڙهندڙن کي هن جي شخصيت ۽ نظريہ بابت ڪا ڄاڻ حاصل ڪانہ ٿي ٿئي. اسان مان سڀني کي خبر آهي تہ سارتري عهد جديد جو وڏو فلاسفر ۽ ليکڪ آهي جو جون ١٩٠٥ع ۾ پئرس منجهہ ڄائو هو. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ ناول لکيا آهن، کيس ١٩٦٤ع ۾ لٽريچر جو نوبل پرائيز بہ مليو هو، جنهن جي وٺڻ کان هن انڪار ڪيو هو. پاڻ صدر جانسن خلاف ويٽنام ٽربيونل ۾ برٽرنڊرل سان گڏ ميمبر بہ هو. سارتري "زيست جي فلسفہ" (Existentialism) جي پرچار ڪري مشهور آهي. هن ادق فلسفہ جي تشريح لاءِ ١٩٤٣ع ۾ (Being and nothingness) هڪ ڪتاب لکيو هو. زيست جي فلسفہ جو اصل پايو وجهندڙ ڏنمارڪ جو فلسفي ڪير ڪيگارڊ (Kierkegaard) هو، جو ١٨١٣ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ١٨٥٥ع ۾ وفات ڪيائين. ڪير ڪيگارڊ ڪٽر مذهبي خيالن جو هو. پر بعد ۾ هن فلاسافي کي پهرين مهاڀاري لڙائي بعد جرمني جي هڪ شخص مارٽن هيڊيگر (Martin Heidegger) زور ورتايو. سارتري تہ پنهنجي حياتي زيست جي فلاسافي کي مقبول بڻائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ ان کي دهريت ۽ الحاد جي بنيادن تي هلايائين جيتوڻيڪ اصل فلسفہ جو محرڪ پڪو مذهبي ماڻهو هو.

اياز جي شعر پڙهڻ سان سارتري ۽ سندس فلاسافي بابت ماڻهو لاعلمي ۾ رهي ٿو. اياز جي مقابلي ۾ برصغير

جي پين ڪيترن ئي شاعرن شخصيتن متعلق شعر چيا آهن. انهن شعرن کي پڙهي شخصيتن ۽ سندن نظريات متعلق مڪمل تعارف حاصل ٿئي ٿو ۽ شاعر کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. مثلاً علامه اقبال مرحوم ڪارل مارڪس متعلق فارسي ۾ چوي ٿو ته:

"صاحب سرمايه از نسل خليل
يعني آن پيغمبر بي جبرئيل
زانکه حق در باطل او مضمر است
قلب او مومن دماغش ڪافر است"

مارڪس جي متعلق بي هند چوي ٿو ته:

"دين آن پيغمبر ناحق شناس
بر مساوات شکم دارد اساس"

انصاف ڪري ڏسو ته مارڪس جي شخصيت ۽ ان جي نظريه بابت ڪيڏي نه سچي تصوير آڏو اچي ٿي. اهڙيءَ طرح لينن "خدا کي حضور" واري شعر ۾ ڊاڪٽر اقبال روسي انقلاب جي باني وي - آءِ - لينن جي شخصيت ۽ سندس فڪر جو صحيح نقشو چٽيو آهي ۽ اياز وانگر ڏکا ڪونه هنيا آهن. مرزا غلام احمد قادياني جي شخصيت ۽ سندس فڪر بابت مولانا ظفر علي خان مرحوم جو هڪ شعر پيش خدمت آهي ان کي پڙهي ڏسو ته مولانا مرحوم ڪيئن نه مرزا صاحب ۽ سندس فڪر کي صحيح نموني بيان ڪيو آهي. مولانا مرحوم فرمائي ٿو ته:

"قاد يان پھاٹے تو پاپا کا بڑا بھائي بنا
پھر وہ انگریزون کے گھر کا معتبر نائي بنا
مذھبي صرافہ مين نرخ اس کا گرتا ھي گيا
اک نيا کذاب پيدا جب ھوا پنجاب مين
قاد يان اس طفل ناھموار کا داعي بنا
اپنا اپنا ھے مقدر اپنا اپنا ھے نصيب
کوئي مسلمان بن گيا کوئي مرزائي بنا"

نيز ظفرعلي وڏيڪ چوي ٿو:

"پيسا تيرا ايمان ھے گالي تيري پھچان ھے
بھتان خدا پر باندھنا تيرے نبي کي شان ھے
جو بھي تيرا الھام ھے آوردہ شيطان ھے" وغيرہ

ڏسو تہ مرزا صاحب جي صحيح تصوير ڪيئن نہ سامھون اچي ٿي. شاعري ان ڪي چمبو آھي ۽ ھت اسان وٽ شيخ صاحب آھي جو سارتري متعلق اھڙو شعر چيو اٿس، جنھن جي پڙھڻ سان ھن جي شخصيت جي ڪا خبر ڪانہ ٿي پوي ۽ سندس ھي شعر تہ "پيھي جيڪو باھ سان ڪري پاڻ سنان" بہ مھمل نظر آھي. سنڌي ٻوليءَ ۾ باھ سان سنان جو محاورہ مون ڪي تہ سمجھ ۾ نٿو اچي.

اياز جي شاعري ۽ فلسفو

سڀ اديب ۽ نقاد متفق آھن تہ ھر وڏو شاعر فلاسفر ھوندو آھي، مگر ھر فلسفي وڏو شاعر نہ ھوندو آھي. فلسفي پڻ شاعر نہ ھجي فڪر نہ آھي، پر ھڪ

وڏي شاعر لاءِ فلاسفر هئڻ لازمي آهي. هن سلسلي ۾ مشهور اديب ڪولرج (Coleridge) چوي ٿو ته:

"No man was ever a great poet, without being at the same time a profound philosopher."

براڻوننگ ته ان ڪان وڏيڪ هڪ (Browning) قدم اڳتي وڏي چوي ٿو ته: "شاعري جو درجو اول آهي ۽ فلسفه جو بعد ۾، جو شاعري جو اعليٰ ماحصل ۽ نتيجو آهي."

"Philosophy first, and poetry, which is its highest outcome, afterwards."

فلسفه سان شاعري جي تعلق بابت اوپر توڙي اولهه جا اديب ۽ نقاد يڪ راءِ آهن. مون اياز جي شاعري جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. فلسفه جي مطالعه ڪندڙن کي معلوم ٿي ويندو ته اياز جي شاعري فلاسافي کان خالي آهي ۽ ڪي به فلسفه جا نڪات پڙهندڙن کي ڪونه ٿو سمجهائي. محض ڪهاڙي جي ڳاڙهن ڳنن، لڪن ۽ اڪن جي تپش جي ذڪر سان فلسفو ڪونه سمجهائبو آهي. اياز جي سڀني شعرن پڙهڻ بعد مان ان نتيجي تي پهتس ته موصوف فلسفه جو ڪو مطالعو نه ڪيو آهي. افلاطون کان وٺي برٽراند رسل تائين فلسفه سمجهائڻ لاءِ بي نظير ڪتاب شايع ٿيا آهن. خود برٽراند رسل (Bertrand Russel) جو ڪتاب فلسفه

جو خاڪو" (An out - line of philosophy) موضوع مطابق بهترين ۽ لاجواب ڪتاب آهي. فلسفه جي ڄاڻ نه رکڻ ڪري اياز جو شمار وڏن شاعرن ۾ هرگز ڪري نٿو سگهجي. ان جي مقابلي ۾ هن ننڍي کنڊ ۾ پيا وڏا شاعر پيدا ٿيا آهن، جن جي شاعري فلسفيانه نڪات سان مزين آهي. مثلاً علامه اقبال جو مثال وٺي ڏسو. چوي ٿو ته

"گذر جا عقل سے آگے، که يه نور
چراغ راه هے منـــزل نهيـن هے"

ڏسو شاعر ڪيڏي نه وڏي فلسفيانه ڳالهه ڪئي. سنڌ ۾ هن امله شعر جو اهي حضرات قدر ڪندا جن يورپ جي بي‌نظير فلسفي ڪانٽ (Kant) جي ڪتاب (A critique of pure Reason) کي پڙهيو آهي.

نيز "اپني جولانگاه زير آسمان سمجها تها مين
آب و گل کے کهيل کو اپنا جهان سمجها تها مين
کاروان تهک کر فضا کے پيچ و خم مين ره گيا
مهر و ماه و مشتري کو هم عنان سمجها تها مين
عشق کـي اک جستجو نے کرديا قصه تمـــام
اس زمين و آسمان کو بيکران سمجها تها مـيــن"

اقبال کان سواءِ برصغير جا پيا وڏا شاعر: غالب، ٽيگور، ۽ لطيف سيٺي فلسفي شاعر آهن. انهن عظيم شاعرن جي شعرن پڙهڻ سان مونکي فلاسافي جي اهم نڪات جي تشريح ملي آهي. مرحوم مولانا علي محمد

ب ڪاڪيپوٽو ڳڙهي ياسين وارو عربي زبان جو
ماهر هو. ديوبند ۾ پڙهيو ۽ مولانا انور شاهه
شميري جو شاگرد هو. پاڻ علامه اقبال کي فلسفه جا
ي ڪتاب پڙهايائين. ڊاڪٽر صاحب جو اهڙو ڏنل
يفڪيٽ به پاڻ وٽ موجود هئس جو مون کي ڏيکاريو
ئون. هڪ دفعي مون کي چوڻ لڳو ته تو متنبي کي
هيو آهي؟ مون اثبات ۾ جواب ڏنو ۽ متنبي جا
ر ڪيس برزبان ٻڌايا. چوڻ لڳو ته متنبي جي متعلق
ڪ ڳالهه ياد ڪجانءِ ته هو وڏو فلسفي به هو. مون
يس جواب ڏنو ته قبله سائين! محققين لکيو آهي ته
هر وڏو شاعر فلسفي هوندو آهي ۽ هر فلسفي شاعر
. آهي.“ منهنجو هي جواب ٻڌي مولانا مرحوم محظوظ
يو. چوڻ لڳو ته اهو سو في صدي درست آهي.

بحث مان هي نتيجو نڪتو ته اياز جي شاعري
۾ فلسفو موجود نه آهي. ان سبب ڪري هو وڏن
شاعرن جي لسٽ مان خارج آهي. محض جويو صاحب
۽ پير حسام الدين راشدي جي پروپئگنڊا ڪري هو عظيم
شاعر شمار ٿي نٿو سگهي.

اسلام ۽ شاعري

اياز جي شاعري بابت مون پنهنجا معروضات پيش
ڪيا آهن ۽ هينئر ”اسلام ۽ شاعري“ جي موضوع تي
به مختصر طور ڪجهه گذارش ڪندس ڇو جو ترقي پسند
حلقي ڪافي بد گمانيون ڦهلايون آهن. الله تعاليٰ قرآن مجيد

۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم لاءِ فرمائي ٿو تہ ”وما علمناه الشعر وما ينبغي له.“ اسان هن کي شعر نہ سيکاريو ۽ نہ هي ان جي ڪم ڪرڻ لاءِ آهي. موجوده دور جو هڪ وڏو مفسر قرآن پنهنجي تفسير ۾ لکي ٿو تہ ”حضرت عائشہ کان پڇيو ويو تہ ڇا حضور جن ڪڏهن پنهنجي تقريرن ۾ شعر بہ استعمال فرمائيندا هئا؟ هن جواب ڏنو تہ شعر کان وڌيڪ ڪين ڪنهن شيءِ کان نفرت نہ هوندي هئي. البتہ ڪڏهن ڪڏهن بني قيس جي شاعر جو هڪ شعر پڙهندا هئا. حضرت ابوبڪر عرض ڪندو هو تہ يا رسول الله ائين نہ پر هيئن، تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ مان شاعر نہ آهيان ۽ نڪي شعر گوئي منهنجي ڪرڻ جو ڪم آهي.“ جنهن قسم جي مضامين سان عرب جي شاعري لبريز هئي، اهي يا تہ شهوانيت يا عشق بازي جا مضامين هئا، يا شراب نوشي، يا قبائلي منافرت ۽ جنگ و جدل جا يا نسلي غرور جا. نيڪي ۽ ڀلائي جون ڳالهيون شاعري ۾ تمام ٿوريون هيون. ڪوڙ، مبالغہ، بهتان، اجائي هجو، تعريف، لعن و طعن، ۽ مشرڪانہ خرافات تہ (عرب) جي شاعري جي رڳ رڳ ۾ پيريل هيون. ان ڪري نبي صلي الله عليه وسلم ان شاعري متعلق چيو آهي تہ ”لان يمتلي جوف احد کم قيحا خير له، ان يمتلي شعرا.“ توهان مان ڪنهن شخص جو خول پونءِ سان ڀرڻ ان کان زياده بهتر آهي جو ان کي شعر سان ڀري ڇڏجي.“ ان هوندي بہ

حضور جن جنهن شعر ۾ ڪا چڱي ڳالهه ڏسندا هئا ته پاڻ ڪريم جن ان جو داد به ڏيندا هئا ۽ سندن ارشاد آهي ته "ان من الشعر لحڪمت" يعني بعض اشعار حڪيمانه هوندا آهن. (هڪ شاعر) اميه بن ابي صلت جو ڪلام ٻڌي پاڻ فرمايائون ته "آمن شعره و ڪفر قلبه" هن جو شعر مومن آهي پر هن جي دل ڪافر آهي. هڪ ڀيري هڪ صحابي حضور جن کي سو جي لڳ ڀڳ عمده عمده اشعار ٻڌايا ته پاڻ چوندا ويا ته "هيه" يعني "وڌيڪ ٻڌاءِ" (تفهيم القرآن جلد ٽيون صفحه ۵۴۸ ڇاپو ستون لاهور).

تفهيم القرآن جي نقل ڪيل عبارت مان صاف ظاهر آهي ته حضور جن پاڻ عمده عمده اشعار ٻڌا آهن ۽ ان جي ٻڌائڻ لاءِ وڌيڪ فرمائش ڪيائون. البته اخلاق سوز اشعار کان منع فرمايائون. حضرت حسان بن ثابت رض حضور جن جو درٻاري شاعر هو. ڪيس پوري اجازت ڏنائون ته هو ڪفار جي مخالفت وارن شعرن جو جواب شعرن ۾ ڏي. حضرت حسان جي شعرن جو مجموعو ڇپيل شڪل ۾ موجود آهي. حقيقت هي آهي ته اسلام شاعريءَ جي اصلاح ڪئي آهي ۽ ان کي پاڪيزه بنايو آهي.

حضرت عمر رض ۽ شاعري

حضرت عمر رض پنهنجي خلافت دوران شاعري جا ڪيترائي عيوب مٽائي، ان کي پاڪيزه بنائي تمام اسلامي

سلطنت ۾ شاعري جي تعليم ڏيارڻ لاءِ احڪامات جاري ڪيا هئا. علامه شبلي نعماني حضرت عمر متعلق لکي ٿو ته ”عرب جي اڪثر مشهور شاعرن جو ڪلام کيس گهڻي ڀاڱي ياد هو، ۽ سڀني شاعرن جي ڪلام تي هن جا خاص خاص رايا هوندا هئا. اهل ادب عام طور تسليم ڪن ٿا ته پنهنجي زماني ۾ حضرت عمر کان وڌيڪ ڪوئي شخص شعر جو پارکو نه هو. علامه ابن رشيق القيرواني ”ڪتاب العمدت“ ۾ لکي ٿو ته ”و کان من انقد اهل زمانه الشعر و انقدهم فيه معرفت“ يعني حضرت عمر پنهنجي زماني ۾ سڀ کان وڌيڪ شعر جو نقاد ۽ ادا شناس هو. جاحظ ڪتاب ”البيان والتبيين“ ۾ لکيو آهي ته ”کان عمر بن الخطاب اعلم الناس بالشعر“ يعني عمر ابن الخطاب پنهنجي زماني ۾ سڀ کان وڌيڪ شعر جو ڄاڻو هو“. (الفاروق صفحه ٥٣ مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي ١٩٧٠ ايڊيشن) مولانا شبلي ان کان پوءِ عرب جي وڏن شاعرن متعلق حضرت عمر جي راءِ نقل ڪري ٿو. لکي ٿو ته حضرت عمر جاهليت جي شاعرن مان زهير کي اشعر الشعراء جو لقب ڏيندو هو. علماءِ ادب چون ٿا ته ٽن شاعرن امرءالقيس، زهير، ۽ نابغه کي پڙهي فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي ته انهن مان اشعر الشعراء ۽ شاعرن جو سرتاج ڪير آهي؟ پر حضرت عمر زهير کي وڏو شاعر سمجهندو هو.

مولانا شبلي نعماني وڌيڪ لکي ٿو ”علماءِ ادب

و بيان آهي ته حضرت عمر جو شعر متعلق حافظي جو
ي حال هو جو جڏهن ڪوئي معاملو فيصل ڪندو
و ته ضرور ڪوئي شعر پڙهندو هو. جنهن قسم جا اشعار
پسند ڪندو هو هو اهي فقط خودداري، آزادي، شرافت
نفس، غيرت، ۽ عبرت جي مضمونن متعلق هئا. ان
ڪري فوجي آفيسرن ۽ ضلعي حاڪمن ڏانهن حڪم
موڪليائين ته ماڻهن کي شعرن ياد ڪرڻ جو تاڪيد
ڪيو. ابو موسيٰ اشعري ڏانهن هي فرمان موڪليائين ته
"مر من قبلک بتعلم الشعر فانه يدل عليٰ معال الاخلاق
وصواب الراي ومعرفت الانساب". ماڻهن کي اشعار ياد
ڪرڻ جو حڪم ڏيو ڇاڪاڻ ته اهي اخلاق جي بلند
ڳالهين، صحيح راء، ۽ انساب ڏانهن رستو ڏيکارين ٿا.
سڀني ضلعن ۾ حضرت عمر هي حڪم موڪليو جنهن
جا هي الفاظ هئا. "علموا اولاد کم العوم والفروسيته ورؤ
و هم ماسار من المثل و حسن من الشعر" يعني پنهنجي
اولاد کي ترڻ، ۽ گهوڙي سواري سيکاريو ۽ چڱا شعر
ياد ڪرايو" (الفاروق ص ٥٢٨).

عهد فاروقي ۾ شعر جي اها حيثيت هئي. هتي
ايتري گنجائش نه آهي جو مان اسلامي سلطنتن ۾ علم
شعر جو مڪمل جائزو وٺان. مختصراً هي عرض ڪندس
ته شاعري کي هڪ پاڪيزه فن سمجهي ان کي باقي
رکيو ويو. اسان جا اولياء، صوفياء ڪرام ۽ صلحاء امت
شعر کي پسند ڪندا هئا ۽ ڪيترا ته انهن مان وڏا

شاعر ٿيا آهن. بادشاهان. وقت پنهنجي اولاد کي شعر جي باقاعده تعليم ڏيندا هئا. ابن خلدون لکي ٿو ته بني اميه ۽ بنو عباس جي سلطنتن ۾ شاعري جو زور رهيو. حضرت علامه صاحب خليفه هارون الرشيد متعلق لکي ٿو ته "ذوا عقد الفريد" کي کڻي ڏسو ته شعر و شاعري متعلق هارون الرشيد ۽ مشهور اديب اصمعي جي وچ ۾ ڪيڏا نه عالمانه بحث ٿيندا هئا. هن مان صاف پتو پوي ٿو ته فن شاعري ۾ هارون الرشيد جي نظر ڪيتري نه کوڙهي هئي. هارون جو حافظو ڪيڏو نه زبردست هو. نه فقط ايترو پر چڱي ۽ خراب شعر جي پرکڻ لاءِ هو ناقدانه طبيعت رکندو هو" (مقدمه ابن خلدون ص ۵۲ د)

اسان اها به وڏيڪ دعويٰ ڪري سگهون ٿا ته عورتن مان وڏ ۾ وڏ شاعره اسان ۾ پيدا ٿيون آهن. عربي ڪتاب "شاعرات العرب ۽ بلاغات النساء" پڙهي ڏسو. حيرت ٿي وڃي ته عورتون به ڪيڏيون نه فصيح ۽ بليغ هيون. هنن جو شعر پاڪيزه ۽ فڪر سان لبريز آهي. هندستان جي مغل سلطنت ۾ سندن شهزاديون بي نظيره شاعر هيون. خاص طرح شهنشاه اورنگزيب جي ڌيءَ زيب النساء جي شاعري مشهور آهي. سندس تخلص مخفي هو، هي ديوان ڇپيل آهي.

اسان تي ڪوڙو الزام هنيو ٿو وڃي ته اسين شاعريءَ جا مخالف آهيون. البته اخلاق کان ڪريل ۽ خدا کان بغاوت واري شاعري بڪواس آهي، جنهن جي اجازت هرگز نه ٿي ڏئي سگهجي.

شيخ اياز ۽ ڀٽائيءَ جو اردو ۾ منظوم رسالو

سنڌ يونيورسٽيءَ جي موجوده وائيس چانسلر جناب شيخ اياز صاحب جي ڪتاب ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ تي مون علمي تنقيد ڪئي هئي جا ٻن قسطن ۾ رهبر ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿي هئي. (ملاحظه ٿئي رهبر آگسٽ ۽ سيپٽمبر ١٩٧٥ع) مون انهي ۾ اياز جي ڊائري ۽ شاعري تي بحث ڪيو هو. مون ناقابل ترديد حقائق سان ثابت ڪيو ته شيخ صاحب جي اها دعوي غلط آهي ته سنڌس ڊائري جيل ۾ لکي وئي، پر اها ڪتاب شايع ڪرڻ وقت سپرد قلم ٿي. خدا جو شڪر آهي جو اهل سنڌ ۾ منهنجي هيءَ تنقيد بي حد مقبول ٿي. نه فقط ساڃهءَ ڌر وارن پر ڪاهي ڌر جي اديبن ۽ ليکڪن به ان کي بيحد پسند ڪيو. اياز جي شاعري بابت به مون مختصر طور لکيو هو. مون ثابت ڪيو ته اياز جي شاعري موزون ڪلام نه آهي، ان ۾ محاوره استعاره، تشبيهون وغيره غلط آهن ۽ سندس شعر جي الفاظ ختم ٿيڻ سان معنيٰ ذهن نشين نه ٿي ٿئي. مون پنهنجي تائيد ۾ دنيا جي هڪ مڃيل عالم، فلاسفر ۽ مؤرخ علامه عبدالرحمان ابن خلدون جي مقدمه مان حوالا پيش ڪيا ۽ ان جي روشنيءَ ۾ شيخ اياز جي شاعري جو جائزو پيش ڪيو. الحمد لله جو مون حقير جي هيءَ ڪوشش به اهل علم کي بي حد پسند آئي. پر مون کي نهايت ئي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته خود محترم شيخ صاحب

جن منهنجيءَ تنقيد مان سخت خفا ٿيا ۽ سڪر ۾ منهنجي هڪ دوست جي موجودگيءَ ۾ بدشد ڳالهائڻ لڳو. پنهنجن نظرياتي مخالفن لاءِ بدڪلامي ڪرڻ اياز صاحب کي هرگز نٿي جڳائي. جي ماڻهو مون کي سڃاڻن، انهن کي خبر آهي ته مان ڪنهن کي بدشد ڳالهائڻ جو تصور به نٿو ڪيان. مان اعتراف ٿو ڪريان ته جيتوڻيڪ منهنجي تنقيد غير مهذب ڪانه هئي، پر اها ٿوري سخت ضرور هئي.

اهل- علم ته هميشه تنقيد جو خير مقدم ڪندا آهن ۽ ان تي هو خوش ٿيندا آهن. تنقيد مان مراد علمي پرک آهي ۽ نه گاريون گند يا شخصي حملا. دنيا جا وڏي ۾ وڏا ماڻهو جن تاريخ جو رخ بدلائي ڇڏيو، سي پڻ پنهنجي مٿان تنقيد جو خير مقدم ڪندا هئا. اهڙن ڪيترن ئي انسانن جا نالا اسان کي ملن ٿا، پر خاص طور هتي ٻن نامور سائنسدانن جي زرين مثالن کي بيان ڪندس.

تنقيد بابت آئن اسٽائن ۽ جارج گيمو جي روش

محترم شيخ اياز صاحب عظيم ترين سائنسدان آئن اسٽائن جو نالو ضرور ٻڌو هوندو، جنهن مارچ ١٩٥٥ع ۾ وفات ڪئي. سندس موت تي تعزيتي بيان جاري ڪندي برٽرانڊ رسل چيو هو ته ” آئن اسٽائن جي مرڻ

کانپوءِ پوري سائنسي دنيا يتيم ٿي وئي."

(The whole scientific world has been orphaned)

هندستان ۾ اخباري رپورٽرن جي اطلاع مطابق وزير اعظم جواهر لال نهرو آئن اسٽائن جي موت جي خبر ٻڌي ذري گهٽ پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو. هن عظيم سائنسدان کي خراج عقيدت پيش ڪندي، نهروءَ اهي ساڳيا الفاظ چيا، جي هن جنوري ١٩٤٨ع ۾ مهاتما گانڌي جي موت تي پارليامينٽ ۾ تقرير ڪندي چيا هئا. يعني ته "زندگي ختم ٿي وئي ۽ روشني وسامجي وئي."

"The life is out, the light is out."

تازو مسٽر رونالڊ ـ ڊبليو ڪلارڪ Rownald W. Clark آئن اسٽائن جي سوانح حيات تي " آئن اسٽائن، سندس زندگي ۽ زمانا "Einstein, the life and times" نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو. هن ڪتاب مان هڪ ٽڪرو شيخ صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. پاڻ ان کي پڙهي حيرت زده ٿي ويندو. ڏسو ته دنيا جي هن عظيم انسان پاڻ تي تنقيد جو ڪيئن نه خنده پيشانيءَ سان خير مقدم ڪيو. مسٽر رونالڊ لکي ٿو ته:ـــ

"جرمنيءَ ۾ هڪ تنظيم پيدا ٿي هئي، جنهن نظريه اضافيت کي هڪ سامي نسل جي سازش قرار

ڏيندي ان تي جلهون ڪيون. سندن چوڻ هو ته هي نظريو، محض دنيا کي بگاڙڻ لاءِ پيش ڪيو ويو. تنظيم وارن ١٩٢٠ع ۾ جرمنيءَ جي فلهار مونڪ هال ۾ آئن اسٽائن ۽ سندس نظريہ اضافيت خلاف هڪڙي ميٽنگ ڪوٺائي هئي جنهن ۾ هو پاڻ به شريڪ ٿيو. آئن اسٽائن هڪڙي هنڌ ويهي ظاهراً موجون ماڻيندو رهيو. لغو ۽ نامعقول ڳالهين تي آئن اسٽائن کل ۾ ويڙهجي ويو ۽ اتي هال ۾ اظهار مسرت وچان تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ تعريف ڪندو رهيو."

"An organization arose in Germany attacking relativity as a part of semitic plot to corrupt the world. When in 1920, it hired the Berlin Philharmonic Hall for a demonstration against both relativity and Einstein, he went to the meeting. He sat in a box, obviously enjoing himself. At the more absurd statements, he could be seen bursting into laughter and clapping his hands in applause." (P- 138).

اندازو لڳايو ته هي ڪيڏو نہ سبق آموز واقعو آهي. ميٽنگ به آئن اسٽائن خلاف ڪوٺائي وڃي ان ۾ هي عظيم انسان پاڻ شريڪ ٿيو ۽ تاڙيون وڄائيندو رهيو ۽ تنقيد نگارن کي داد ڏيندو رهيو. عظمت، ان جو نالو آهي. ۽ شيخ اياز به تنقيد جي معاملي ۾ اهڙن شخص

جي نقش قدم تي هلي تاريخ ۾ نالو ڪيرائي سگهي ٿو. باقي پنهنجن نقادن کي بد شد ڳالهائيندڙ اشخاص ڪڏهن به تاريخ ساز نه ٿيندا آهن.

پيو وڏو مثال مشهور ارضياتي سائنسدان جارج گيمو (Gamow) جو آهي. هن جي ڪتاب "زمين جي سوانح "The biography of Earth" تي مسٽر هولمس (Holmes) نالي هڪ شخص تنقيد ڪئي هئي، جا حق پرست گيمو کي ايتري ته پسند آئي، جو پنهنجي ڪتاب جو نالو بدلائي ان کي پنهنجي نقاد ڏانهن منسوب ڪيائين. گيمو لکي ٿو:

"And I take pleasure in dedicating this volume to professor Holmes with whom I had a friendely correspondence following the appearance of his review." (Preface a planet called Earth by George Gamow).

ياد رهي ته گيمو وڏن سائنسدانن مان هڪ آهي. هن کي ١٩٥٦ع ۾ يونيسڪو طرفان سائنسي خدمات ڪري انعام مليو هو. گيمو وڏي ظرف ۽ اخلاقي جرئت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي نقاد ڏانهن ڪتاب کي منسوب ڪيو. مون کي پنهنجي مطالعي دوران اهڙا ڪيئي مثال نظر مان گذريا آهن. قوي اميد آهي ته محترم شيخ صاحب جن جو رويو به پنهنجن نقادن ڏانهن دوستانه ۽ مشفقانه رهندو.

شيخ اياز ۽ سنڌس نئون عهدو

شيخ اياز صاحب کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌس هن نئين عهدي تي وڏو شور مچي ويو ۽ پنهي طرفن کان بيان بازي شروع ٿي وئي ۽ اڃا تائين جاري آهي. خود وزير اعظم صاحب به پنهنجي رد عمل جو اظهار ڪندي مخالفن کي جواب ڏنو. مسٽر اياز صاحب جي تقرر بابت سياسي بيان حمايت توڙي مخالفت ۾ ڪيا ويا آهن. منهنجو انهن سان ڪو واسطو ڪونه آهي، ڇو جو سياسي معاملات کي نبيرڻ سياستدانن جو ڪم آهي ۽ اسان لاءِ سياست شجر ممنوع جي حيثيت رکي ٿي. البت علمي معاملن بابت هتي چند ڇاڻ ڪبي. مثلاً محترم شيخ صاحب جن جي مخالفن مان اهو آواز به اٿيو ته موصوف کي تعليم کاتي جي انتظامي معاملات جي ڪابه خبر ڪانه آهي ۽ علمي صلاحيت کان به محروم آهي. شيخ صاحب جي دفاع ۾ ڪراچي مان ڊاڪٽر عاليه امام وارن مخالفن جي مٿين اعتراض جو موزون جواب ڏنو. سندن چوڻ آهي ته جسٽس ايس. اي رحمان کي به ڪو تعليمي تجربو ڪونه هو، پر ان جي باوجود کيس پنجاب يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. جسٽس ايس. اي رحمان (شيخ عبد الرحمان) پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو رٽائرڊ ٿيل چيف جسٽس آهي ۽ هو شيخ مجيب

خلاف اگر تلا سازش ڪيس ۾ ٽربيونل جو هيڊ هو. شيخ عبدالرحمان هڪ علمي شخصيت جو مالڪ آهي. هن علامه اقبال رحه جي فارسي منظوم ڪتاب "جاويد نامه" جو انگريزي ترجمو (Pilgermage to eternity) نالي سان ڪيو. ڏسڻ ۾ ايندو ته رحمان جسٽس کي نه فقط فارسي زبان تي وڏو عبور حاصل آهي، پر هو انگريزي زبان جو به وڏو ماهر آهي. شيخ اياز صاحب به لطيف جي رسالي جو منظوم اردو ترجمو ڪيو آهي ۽ اهو يونيورسٽي پريس مان شايع ٿيو آهي.

محترم پير حسام الدين راشدي پنهنجي تعارفي نوٽ ۾ چيو آهي ته شيخ اياز صاحب پنهنجن مصروفيتن جي باوجود وقت بچائي محبت، محنت ۽ وڏي عرق ريزي ۽ سليقي سان هن ترجمي جي مشڪل ڪم کي اختتام تي پهچايو. هتي سندس منظوم اردو ترجمي جو علمي جائزو پيش ڪندس.

لطيف، تصوف ۽ شيخ اياز

"شاه کے متصوفانه نظريات اور سماجی پس منظر" جي عنوان سان شيخ اياز صاحب لکي ٿو ته:

" ڊين انج (Dean Inge) جو چوڻ آهي ته تصوف هر مذهب جي ڪچي مواد جو هڪ حصو آهي.

(Mysticism is a part to the rawmaterial of every religion).

ھن ڪچي مواد جو سراغ تمام الھامي ڪتابن ۾ به ملي ٿو ۽ انھن معجزن، ڪشفن ۽ ڪرامتن ۾ به جي مذھبي پيشوائن ۽ خدا رسيده بزرگن ڏانھن منسوب آھن. شاھ جي عملي زندگي سان ڪيترين ئي اھڙيون ڪرامتون وابسته ڪيون وڃن ٿيون جي ھنجي فوق البشر ھجڻ جي جواز ۾ پيش ڪري سگھجن ٿيون. سردست مونکي اھڙين ڪرامتن جي صحيح يا غلط ھجڻ سان واسطو نه آھي. ڪي افسانا حقيقت ڪان زياده دلچسپ ھوندا آھن. في الحال اھڙن ئي دلچسپ افسانن جي مجموعي تاثر مان مون شاھ جي متعلق ھيءَ راءِ قائم ڪئي آھي ته تصوف شاھ ۽ شاھ جي عارفانه ڪلام لاءِ فخر جو باعث نه آھي، پر شاھ ۽ ان جو ڪلام تصوف لاءِ باعث فخر آھي.“ (صفحه ۲۱).

جواب ۾ گذارش ڪندس ته تصوف بابت ڊين انج جي مٿي نقل ڪيل راءِ جاھلانه آھي. ڊين انج معروف شخصيت به نه آھي. سخت حيرت ٿي وئي ته اھڙي نامعلوم مصنف جي راءِ سان شيخ اياز ڪيئن اتفاق ڪيو آھي؟ ۽ شيخ صاحب جو اھو چوڻ ته تصوف جھڙي ڪچي مواد جو سراغ سڀني الھامي ڪتابن ۾ ملي ٿو، سؤ في صدي غلط ۽ گمراه ڪن آھي. اسان جي الھامي ڪتاب قرآن مجيد ۾ ڪنھن خام يا ڪچي مواد جي ھجڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. صاف ظاھر آھي ته محترم اياز صاحب اسلامي تصوف جو ڪو

مطالعو ئي ڪونہ ڪيو آهي. تصوف جهڙي متبرڪ علم کي خام مواد سڏڻ وارا پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. اسان جي مذهب ۾ تصوف انجو خام مواد نہ آهي پر ان جو روح آهي. پوئينءَ صديءَ ۾ خود يورپ جي عالمن ۽ اسڪالرن صوفي فڪر جو مطالعو ڪيو ۽ هو ان نتيجي تي پهتا تہ تصوف جو سراغ قرآن ۽ سنت نبوي ۾ ملي ٿو. ڏين انج جهڙي هڪ مجهول شخص جي راءِ ميٽڻ لاءِ مشهور فرينچ اسڪالر مئسگنن (Massignon) جو هڪ قول تصوف بابت پروفيسر هئملٽن گب (Gibb) جي ڪتاب مان نقل ڪجي ٿو.

گب لکي ٿو تہ "پروفيسر مئسگنن پراڻي اسلامي تصوف جي سڄي فيلڊ جو عالمانہ سروي ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو تہ صوفي تحريڪ قديم مسلم زهد ۽ تقويٰ جي سڌيءَ طرح پئداوار آهي ۽ انجو سرچشمو وري قرآن مجيد ۽ نبيءَ جو عمل آهي."

Professor Massignon, in a brillant survey of the whole field of early islamic mysticism, has sought to prove that the mystical movement was the direct heir of Primitive Muslim asceticism, itself derived from the Koran and the Practice of the Prophet. (Mohammedanism. P- 100, Mentor Book Publication 1955 ED).

ثابت ٿيو ته اسان جي مذهب ۾ علم تصوف هڪ خام مواد نه آهي، جيئن شيخ اياز يقين ڪري ٿو. شيخ صاحب جي وڏيڪ اڻ چاڻائي ملاحظه ڪيو جو معجزن، ڪشفن، ۽ ڪرامتن جي ظهور کي ئي تصوف سمجهي ٿو، جيئن مٿي سندس عبارت نقل ڪئي وئي. ان مان به سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن علم تصوف جو ڪو گهرو مطالعو نه ڪيو آهي. علم تصوف ڇا کي چئجي ۽ انجي تشريح ڪهڙي آهي؟ هن سوال جي جواب ۾ ايترا ته ڪتاب لکيا ويا آهن جو انهن جو احاطه ڪرڻ به مشڪل آهي. شايد سڄي عمر ڪو شخص فقط تصوف جا ڪتاب پڙهي تڏهن به سڀ ڪتاب پڙهي نه سگهندو. هتي علم تصوف بابت مشهور مسلمان عالم، فلاسفر ۽ تاريخدان علامه ابن خلدون جي راءِ نقل ڪجي ٿي. موصوف پنهنجي مقدمه ۾ لکي ٿو ته ”اسلام ۾ پيدا ٿيندڙ شرعي علمن مان تصوف جو علم به آهي. در اصل تصوف جي طريقي کي سلف ۾ وڏن وڏن صحابين ۽ تابعين ۾ ۽ ان کان بعد ۾ اچڻ وارن ۾ حق ۽ هدايت جو طريقو سمجهيو ويندو هو. تصوف جو بنيادي اصول عبادت کي ڇهڻ ، دنيا کان ڪٽجي الله سان لئو لڳائڻ، دنيا جي زيب و زينت کان منهن موڙڻ ۽ عوام جن شين تي موهجي وڃن ٿا، يعني ته طرحين طرحين دنوي لذتون مال ۽ جاه کان بچڻ ۽ عبادت لاءِ دنيا کان علحده ٿي گوشه نشيني اختيار ڪرڻ آهي. هي طريقو

صحابهٔ ڪرام ۽ سلف ۾ عام طور رائج هو. بي صدي يا ان کان پوءِ ايندڙ صدين ۾ عام طرح انسان پڌري پٽ دنيا جي طرف مائل ٿيڻ لڳا ۽ دنيا جي اندر گهڙي ڦاسي پيا، ته اهڙي دور ۾ عبادت ۾ مصروف رهڻ وارن کي صوفي يا متصوف ڪوٺيو ويو. امام قشيري رحه فرمائين ٿا ته عربي زبان ۾ تصوف جي اشتقاق جو ڪو پتو ڪونه ٿو پوي ۽ نه ڪي ان معاملي ۾ قياس اسان جي مدد ڪري ٿو. ڏسڻ ۾ ته لفظ صوفي هڪ لقب معلوم ٿئي ٿو. ڪن جي چوڻ مطابق هي لفظ صفا يا صفه مان نڪتو آهي. پر لغوي قياس ان جي تائيد نٿو ڪري. ڪي ٿا وري چون ته اهو صوف (اُن) مان نڪتو آهي، مگر هي پڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته فقط صوفي ئي هن لباس سان مختص ڪونه هوندا هئا. منهنجي خيال ۾ اشتقاق جي صحت جي لحاظ کان زياده هي ظاهر آهي ته هي صوف مان ئي نڪتو آهي. ڇاڪاڻ ته صوفين مان ڪيترا ئي شخص خاص طرح اهوئي لباس پهريندا هئا ڇاڪاڻ ته پوشاڪ جي معاملي ۾ عوام جي مخالفت ڪندا هئا جو عوام وڏائي ۽ ٺـاٺ وارا ڪپڙا زيب تن ڪندا هئا. ان سبب ڪري حضرت صوفياء بالڪل سادو، ٿلهو ۽ ان جي پوشاڪ استعمال ڪندا هئا. پوءِ جڏهن صوفي زهد و پارسائي، گوشه نشيني ۽ دنيا کان ڪنجي عبادت لاءِ مخصوص ٿي ويا ته لامحاله خاص علمن جو انهن تي فيض ٿيڻ شروع ٿيو، ڇاڪاڻ ته انسان انسان جي حيثيت سان حيوانات کان ادراڪ

۽ سمجهه ڪري ٿي مختلف آهي." (مقدمه ابن خلدون حصه ٻيو صفحه ۴۲۲ مترجم مولانا راغب رحماني ڪراچي طبع اول)

علم تصوف جي تدوين ڪيئن ٿي؟ ان جو جواب ڏيندي علامه رحمة الله عليه جن لکن ٿا ته:-

"پوءِ جڏهن علمن جي تدوين شروع ٿي ۽ انهن تي ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا ته عالمن فقهه، اصول فقهه، علم ڪلام ۽ تفسير وغيره تي ڪتاب لکيا ته صوفين به پنهنجي طريقي سان ڪتاب لکيا. ڪن زهد ۽ محاسبه نفس تي ڪتاب لکيا ته ڪهڙين ڳالهين کي ڇڏي ڏجي ۽ ڪهڙين کي وٺي گهرجي. جيئن قشيري رحمة الله عليه الرسالة ۾ لکيو ۽ سهروردي مرحوم عوارف المعارف ۽ اهڙن ٻين مصنفن ڪتاب لکيا هئا. امام غزالي رحمة الله عليه احياء علوم ۾ زهد ۽ اقتداء ٻنهي جا احڪام جمع ڪيا ۽ صوفين جا آداب ۽ طريقا بيان ڪيا ۽ سندن جي ٿي عبادتن مان انهن جي اصطلاحات جي وضاحت ڪئي. ان نموني اسلام ۾ تصوف جو علم ٻين علمن وانگي هڪ ڪتابي فن ٿيجي ويو جڏهن ته پهرياڻين فقط عبادت جو طريقو هو ۽ تصوف جا احڪام سينه به سينه ملندا هئا." (صفحه ۴۲۴).

حقيقت هي آهي ته پهريون ڪتاب جو علم تصوف بابت عربي زبان ۾ لکيو ويو اهو شيخ ابو نصر سراج جو "ڪتاب اللمع" آهي جو ٽين صدي هجري جي آخر ۾ تصنيف ٿيو. مصنف جو سچو نالو عبد الله بن

علي بن محمد بن يحيٰ ابو نصر سراج هو. اڄ ڪان پنجاهه سال اڳ دنيا فقط هن ڪتاب جي نالي ڪان آشنا هئي ۽ ان ڪي پروفيسر نڪلسن صاحب ۱۹۱۴ع ۾ شايع ڪرائي پڌرو ڪيو. شيخ سراج جو وطن طوس هو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. تصوف جي علم بابت عربي زبان ۾ ٻئي نمبر تي پراڻو ڪتاب قشيري جو "رسالة القشيريه في علم التصوف" آهي جو ۴۳۷ هجري ۾ لکيو ويو. مصنف جو پورو نالو امام ابو القاسم عبدالڪريم بن هوازن القشيري جو ۳۷٦ هجري ۾ خراسان ۾ ڄائو ۽ ۴٦۵ هجري ۾ نيشاپور منجهه وفات ڪيائين. فارسي زبان ۾ تصوف جو قديم ترين موجود ڪتاب "ڪشف المحجوب" آهي جو ۴۵۰ هجري ۾ لکيو ويو. هن ڪتاب جي مصنف جو سچو نالو شيخ علي بن عثمان هجويري آهي جنهن کي عام طرح داتا گنج بخش به ڪوٺين ٿا. سندن جو اصل وطن غزني (افغانستان) هو ۽ اتان جي ٻن ڳوٺن هجوير ۽ جلاب ۾ رهيا. آخري عمر ۾ اچي لاهور ۾ رهيا، جتي وفات ڪيائين ۽ اڄ تائين پري پري کان زائرين کهي اچي سندس مقبري تي حاضري ڏيندا آهن. پاڻ حسني سيد هو ۽ ۴٦۵ هجري ڌاران رحلت ڪيائين. ڪشف المحجوب جو انگريزي ترجمو پروفيسر نڪلسن صاحب گب ميموريل سيريز ۾ شايع ڪيو آهي.

تصوف جي هن مختصر تشريح مان قارئين کي پتو پيو ته هن علم جو چرچو صحابه ڪرام، تابعين

۽ تبع تابعين ۾ رهيو. هن جو اصل مقصد اهي ته عبادت تي ڄمي رهڻ لذات ۽ زخرف. دنيا کان منهن موڙڻ ۽ عبادت لاءِ دنيا کان علحده ٿي گوشه نشيني اختيار ڪرڻ وغيره. محترم شيخ اياز صاحب تصوف کي خام مال سڏي اسان جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حضرت لطيف بابت وڏيڪ لکي ٿو ته:- ”مون شاه جي متعلق هي راءِ قائم ڪئي آهي ته تصوف شاه ۽ شاه جي عارفانه ڪلام لاءِ فخر جو باعث نه آهي، پر شاه ۽ ان جو ڪلام تصوف لاءِ باعث فخر آهي.“ شاه جي متعلق شيخ اياز صاحب جي هيءَ راءِ غلط، نا انصافي ۽ تصوف بابت عدم معلومات تي مبني آهي. مان وڏيڪ عرض ڪندس. ته شاه جو ڪلام عارفانه ٿي تصوف ڪري آهي.

شاه جو شعر، تصوف ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي

تصوف ۽ شاه جي ڪلام بابت محترم شيخ اياز جي راه تي مٿي تبصرو ڪيو ويو. پنهنجي دليل جي اثبات ۾ شاه جي رسالي جي وڏي شارح ۽ محقق ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي راءِ نقل ڪجي ٿي. سنڌ جو نامور اديب، عالم ۽ محقق مرحوم مولانا دين محمد وفائي به ڊاڪٽر گربخشاڻي جي علم ۽ محنت جي تعريف ڪئي آهي. مولانا لکي ٿو ته ”رسالي جو مقدمو يا مهاڳ ايڏو ته عالمانه انداز جو لکيائين جو سندس قابليت جو قدر ٿيڻ لڳو ۽ ٻهريون جلد هٿ و هٿ کڄڻ لڳو.“

(شاهہ جي رسالي جو مطالعو از مولانا وفائي ڇاپو پيو صفحو ١٦٨ وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي) ڊاڪٽر گربخشاڻي جو مقدمو بيشڪ تعريف جي مستحق آهي، شاه جي ڪلام ۾ تصوف بابت آنجهاني ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ: تصوف شاهہ جي شعر جي گويا تاڻيجي ۽ پيٽو آهي، يا جيڪر تصوف، شاه جي شاعراني عمارت جو مکيہ پايو ڪري ڄاڻجي. جيتوڻيڪ سندس شعر جا مضمون علحده علحده آهن، تڏهن بہ تصوف هڪ سر وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين جيان ٽڙهيل آهن. اهڙي صنعت ۽ جدت سان شعر جي پلٽ ڪئي اٿس، جو ظاهريءَ طرح مضمون جي ڪثرت پئي معلوم ٿئي، مگر اندروني طرح مڙئي وحدت آهي. اها وحدت ۾ ڪثرت ۽ ڪثرت ۾ وحدت سندس صوفياني خيال جو نتيجو آهي. ڪن ڪن سرن ۽ بيتن ۾ تصوف دونهين جيان ڍڪيو پيو آهي، پر ڪن ڪن ۾ تہ پڙڪو ڏيو پڌرو ٿيو وڃي.“ (شاهہ جو رسالو مقدمہ از ڊاڪٽر گربخشاڻي اداره آواز ادب حيدر آباد ڇاپو پيو ١٩٦٧ع ايڊيشن صفحو ٨٤)

اڳتي هلي ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ ”صوفيانو شعر رسالي ۾ جا بجا ٽڙيو پکيڙيو پيو آهي. اهو ڪو سر نہ آهي، جنهن ۾ سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح، ظاهري باطني نموني ۾ منظوم ٿيل نہ آهي.“ (صفحہ ٨٧)

ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙي هڪ فاضل شخص جي

بيان مان ظاهر آهي ته تصوف شاه جي ڪلام ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿو ۽ ان جو روح آهي. تصوف ڪري ئي شاه جو ڪلام عارفانه آهي. ان ڪري شيخ اياز صاحب جو شاه جي شعر بنسبت مٿي نقل ڪيل رمارڪ غلط ۽ خلاف حقيقت آهي. اها شاه جي ڪلام جي اهميت کي گهٽائڻ جي هڪ ڪوشش آهي جا محترم شيخ صاحب جن کي هرگز نه جڳائي.

شيخ اياز ۽ ڊين انج (Dean Inge) جو غلط حوالو

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته تصوف بابت مسٽر شيخ اياز ڊين انج جو هي انگريزي جملو نقل ڪيو آهي ته:

"Mysticism is a part to the raw material of every religion".

پاڻ ان جو ترجمو اردو الفاظ ۾ هن ريت ڪري ٿو ته "ڈین انج کا کهنا ہے کہ تصوف ہر مذہب کے خام مواد کا ایک حصہ ہے." (صفحه ۲۱)

منهنجو پهريون اعتراض آهي ته محترم اياز صاحب ڊين انج جي ڪتاب جو ڪو حوالو ڪونه ڏنو آهي، جنهن تان پيتائي خاطري ڪجي ته اقتباس صحيح آهي يا غلط. هن تنقيدي مضمون لکڻ وقت مون کي خيال آيو ته ڊين انج هڪ غير معروف اهل قلم ته ضرور آهي، پر مون ڪنهن ڪتاب ۾ ان جو نالو ضرور پڙهيو آهي. حافظي تي زور ڏيڻ سان مون کي انجو

سراغ ملي ويو. ياد پيم تہ ڊاڪٽر سورلي صاحب پنهنجي انگريزي ڪتاب "ڀٽ جو شاه عبداللطيف" (Shah Abdulatif of Bhit) ۾ ڊين انج جي ڪنهن ڪتاب مان حوالا ڏنا آهن. پڪي خاطري ڪرڻ واسطي ڊاڪٽر صاحب جو اصل ڪتاب ڏٺم. حيراني وٺي ويم ۽ افسوس بہ ٿيم تہ شيخ اياز ڊين انج جي لفظن کي حذف ڪري پنهنجا لفظ شامل ڪري مٿيون انگريزي جملو گهڙيو آهي. جن سڄڻن وٽ ڊاڪٽر سورلي جو ڪتاب موجود هجي اهي پاڻ پيتائي پڪ ڪري سگهن ٿا. ڊين انج جو مٿيون حوالو سورلي هيٺينءَ ريت نقل ڪري ٿو:

"To quote Dean Inge once again:" "The Phase of thought or feeling which we call mysticism has its origin in that which is the raw material of all religion." (P. 237, Oxford University Press Pakistani Branch 1966 ED.)

واضح هجي تہ راقم الحروف وٽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب جي ١٩٦٦ع واري ايڊيشن موجود آهي. مٿيون حوالو صفحہ ٢٣٧ تي باب پنجون بعنوان (The mystic vision) مان نقل ڪيو ويو آهي.

هاڻي اسين شيخ صاحب کان پڇون جو حق رکون ٿا تہ ڊين انج جي اوهان جي نقل ڪيل انگريزي عبارت، سنڌس اصل عبارت کان روپيہ مان پندرهن آنہ مختلف ڇو آهي؟ اهڙا حوالا اڳتي بہ هلي ٿو جيئن ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب مان ظاهر آهي. شيخ اياز

پهريون غضب هي ڪيو جو ڏين انج جو سچو حوالو نہ ڏنو، پاڻ جو ڪجهہ نقل ڪيو اٿس اوهان ڏٺو تہ اهو اصل کان ڪلي طور مختلف آهي. ڊاڪٽر سورلي صاحب مٿيون حوالو ڏين انج جي ڪتاب "مسيحي تصوف" (Crystian mysticism) جي صفحي پنجين تان ڪوريو آهي. ظاهر آهي تہ انج مذهب مان مراد عيسائي مذهب ورتي ٿو ۽ نہ هر مذهب (Every Religion) جو.

هاڻي ڊاڪٽر سورلي صاحب جي ڪتاب مان ڏين انج جي نقل ڪيل عبارت جو سنڌي ترجمو هن طرح ٿيندو تہ:

"ادراڪ يا احساس جي حالت، جنهن کي اسين تصوف ڪوٺيون ٿا، ان جي اصليت سموري مذهب جي خام مواد ۾ آهي."

ان جو وري اردو ترجمو هي آهي تہ:

"ادراک یا احساس کی حالت جسے ہم تصوف کہتے ہیں، اس کی اصلیت پورے مذہب کے خام مواد میں ہے."

پاڻ انصاف ڪيو تہ محترم شيخ صاحب جن جي انگريزي عبارت (ڏين انج جا الفاظ) ۽ ان جو اردو ترجمو ڏين انج جي اصل انگريزي عبارت ۽ ان جي مٿي نقل ڪيل اردو ترجمي کان ڪيترو نہ مختلف آهي. ڏين انج اهي لفظ بہ عيسائي مذهب لاءِ چيا

۽ نه سيني مذهبن لاءِ شيخ صاحب مون کي معاف ڪري، هي صريحاً علمي بد ديانتي آهي. مون کي اهو به پتو آهي ته هو هن قسم جي جائز تنقيد تي به چڙندو آهي. پر مان به سچ چوڻ تي مجبور آهيان ۽ پنهنجو مسلڪ اهو آهي، جو علامه اقبال مرحوم بيان ڪيو آهي ته:

اپنے بھی خفا مجھ سے ہیں، بیگانے بھی ناخوش،
میں زہر ہلاہل کو کبھی کہہ نہ سکا قند.

مسٽر شيخ اياز سنڌ جي پوڙهي جهور سياستدان محترم جي. ايم. سيد جي شان ۾ ڪيترائي قصيدا ڇپيا آهن. ڪيس گهرجي ته هو سيد جي علمي زندگيءَ مان به سبق پرائي. سيد ته پنهنجي نقادن کي اف به نه چوندو آهي ۽ انهن جي تعميري تنقيد تي خوش به ٿيندو آهي. سيد صاحب کي پنهنجن نقادن لاءِ نيڪ تمنائون هونديون آهن ۽ اياز صاحب وانگي انهن کي بد شد ڪونه ڳالهائيندو آهي. علمي تنقيد جو جواب علمي دليلن سان ڏي ڏبو آهي. بد شد ڳالهائڻ مان اها مراد وٺبي ته اوهان علمي جنگ هارائي آهي. شيخ صاحب يونيورسٽيءَ ۾ چارج وٺڻ شرط هڪ پريس بيان جاري ڪيو ته هو بنيادي طور شاعر آهي ۽ هڪ شاعر انسان دوستي کان سواءِ ٻي ڪا تمنا يا جذبو نٿو رکي. اها به انسان دوستي آهي ته ٻئي جي عزت ۽ احترام ڪجي ۽ ڪنهن کي به روبرو يا پرپٺ گهٽ، وڌ نه ڳالهائجي. اهو به اختلافي مسئلو آهي ته آيا شاعر انسان دوست ٿيندا آهن

يا نه. تاريخ ۾ اسان کي ڪيترا ئي شاعر ملن ٿا، جن قبيلن کي قبيلن سان ۽ قومن کي قومن سان ويڙهايو آهي. جولاءِ ١٩٧٢ع جي ٻوليءَ وارن هنگامن ۾ ڪراچي جي هڪ اردو شاعر پنهنجي شعر "اردو کا جنازه هے ذرا دهوم سے نکلے" چوڻ سان ڪيترن ئي انساني جنازن کي ڪيرايو. خود شيخ اياز جي پنهنجي ڪلام ۾ مون تشدد ۽ نفرت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏٺو. اياز پاڻ هڪڙي قوم کي ٻيءَ قوم سان ويڙهائي ٿو. "ون ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڏنا، مون ڇا ڇا ماڻيءَ لعل ڏٺا" "ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ پوءِ به نعرا نينهن جا."
"جهول جهلي جڏهن ڀڃائي ڪرندا ڪنڌ هزار."

اياز پنهنجن شعرن ۾ ڪٿي به اهڙي تلقين نه ڪئي ته اسين آدم جي اولاد، انسان پاڻ ۾ ڀائر آهيون ۽ هڪ ٻئي جو احترام ۽ عزت ڪيون. محترم شيخ اياز صاحب ۽ سندس ٽولو علامه اقبال کي تشدد پسند ۽ انسان دشمن قرار ڏيندا آهن. ڇا اياز ڏٺو ڪڏهن اقبال وانگي انسان دوستيءَ لاءِ هن قسم جا شعر چيا آهن ته:

"آدميت احترام آدمي،
با خبر شؤ از مقام آدمي"

اقبال ٻئي هنڌ چوي ٿو ته:

"اس دور میں اقوام کی صحبت بھی ہے عام،
پوشیده نگاہوں سے ہے عظمت آدم،
مکہ نے دیا خاک جنیوا کو یہ پیغام

جمعيت اقوام يا جمعيت آدم.“

حقيقت هي آهي ته هڪ قوم پرست شار ڪذهن به انسان دوست ٿي نه ٿو سگهي. يورپ ۾ قوم پرستي جي فلاسافي پيش ڪرڻ وارو پهريون شخص اٽليءَ جو سياسي مفڪر ميڪاولي آهي. ارڙهين صديءَ ۾ اٽلي جي هڪ ٻئي مفڪر مئزني (Mazzni) ان کي بام روج تي پهچايو. نسل پرستي ۽ رنگ پرستي، قوم پرستي جي انتهائي شڪل آهي. جنهن کي نازي جرمنيءَ ۾ هٽلر خدا جي حيثيت ڏني. پنهنجي ڪتاب ”مين ڪيمف“ ۾ هٽلر آريائي نسل جي برتري (Super-macy of Aryan Race) لاءِ ڊاڙون هڻي ٿو ۽ آريه لوڪن کان سواءِ ٻين نسلن جي مذمت ڪري ٿو. مشهور سائنسدان آئن اسٽائن جنهن جو ذڪر اوهان مٿي پڙهيو، ان کي جرمني مان جلاوطن ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته بدقسمتيءَ سان دنيا جو هي عظيم ترين فاضل شخص آريه نسل سان تعلق نه رکندو هو. پنهنجي ملڪ جرمنيءَ کي نجات ڏيڻ لاءِ قوم پرست هٽلر هر بري طريقي کي جائز سمجهي ٿو، جهڙوڪ، ظلم و تشدد، غلطي جو ارتڪاب ۽ بداخلاقي. آڪسفورڊ جي هڪ دانشور جي پڇيل سوال جي جواب ۾ هٽلر چوي ٿو ته:

“Let us be in human! If we rescue Germany we have done the greatest deed in the world. Let us do wrong! If we rescue Germany we

have swept away the greatest wrong in the world. Let us be immoral. If our people is rescued we have opened a way for the return of morality." (The Deeper causes of war by murray. P. 43, 1940 ED)

بعد ۾ سڀ کنهن ڏٺو ته هن انڌيءَ "قوم پرستيءَ" ٻي جنگ ۾ جرمنيءَ کي نجات بدران مڪمل تباهه ۽ برباد ڪيو. بنگالي به قوم پرستي جي چڪر ۾ آيا، پر هيئنر ڪين معلوم ٿيو ته نام نهاد بنگله ديش دائمي غلامي ۽ ذلت ۾ آهي. اهڙيءَ طرح اياز جي قوم پرستيءَ مان به تباهه ڪن نتيجا نڪري سگهن ٿا ڇو جو تاريخ جي فيصلي کي ڪوئي بدلائي نٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي، ته نظرياتي نظامن اسلام توڙي مارڪسزم ۾ قوم پرستي جي مذمت ڪيل آهي. اسلام چوي ٿو ته سڀ ڪلمي گو پاڻ ۾ ڀائر آهن. لينن چوي ٿو ته سڀ مزور اسان جا ڀائر ۽ سڀ سرمايه دار اسان جا دشمن. مارڪس سڀني دنيا جي مزورن جي ٻڌي لاءِ پڪاري ٿو يعني ته:

Working men of all the countries unite!

نظرياتي طرح ته مارڪسزم جي اها دعوي آهي پر عملي طور روس ۽ چين مخالف طرفن ڏانهن وڃي رهيا آهن.

اياز ۽ رسالي جو غلط منظوم ترجمو

محترم شيخ اياز صاحب لطيف جي رسالي جي ڪن

سرن جو منظوم اردو ترجمو ڪيو آهي، جو سنڌ يونيورسٽيءَ شايع ڪيو آهي. غالباً هن ئي ڪتاب تي موصوف کي رائٽرس گلڊ طرفان انعام پڻ مليو آهي. مون اياز جو هيءُ منظوم ترجمو شاهه جي اصل سنڌي بيتن سان ملائي، پيشاني پڙهيو آهي. منهنجي خيال ۾ شيخ صاحب لطيف جو غلط ۽ مشڪوڪ ترجمو ڪيو آهي. سندس ترجمي مان لطيف جي اصل مدعا جو پتو ڪونه ٿو پوي. جيڪڏهن هڪ هڪ بيت جي ڇنڊ ڇاڻ ڪبي ته سچو سال بحث جاري رهي سگهي ٿو. سردست شاهه جي سُر ڪلياڻ مان ٻه، ٽي بيت منتخب ڪجن ٿا. حضرت لطيف جو اصل سنڌي شعر آهي ته.

"اول، الله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي."

(ڏسو گربخشاڻي صفحو ١٧٥)

انهن بيتن جو منظوم اردو ترجمو شيخ اياز هيٺينءَ طرح ڪيو آهي.

"تیری ہی ذات اول و آخر تو ہی قائم ہے اور تو ہے قدیم
تجھ سے وابستہ ہر تمنا ہے تیرا ہی آسرا ہے رب کریم،
کم ہے جتنی کریں تری تو صیف تو ہی اعلیٰ ہے اور تو ہی علیم

والي شش جهت واحد ذات رازق ڪائنات رب ڪريم"

ڏسو ته ترجمي ۾ ڪيتريون نه فاش غلطيون آهن. لطيف جون مٿيون ٽي سٽون ضمير غائب ۾ سولائي سان اردو ۾ ترجمو ٿي سگهن ٿيون. ڇو جو انهن ۾ استعمال ٿيل عربي اکر انهيءَ ساڳي معنيٰ ۾ اردو ٻوليءَ ۾ به استعمال ٿين ٿا. مان ته اياز وانگر شاعر نه آهيان. ڇا لطيف جون سنڌيءَ ۾ اهي ٽي سٽون هيٺينءَ ريت اردوءَ ۾ ترجمو ٿي نٿيون سگهن ته:

اول، الله، عليم اعليٰ عالم کا دهني
قادر اپني قدرت سے قائم ہے قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب رحيم.

اياز لفظ بدلايا آهن ۽ نوان جملا پنهنجي طرفان لکي لطيف ڏانهن منسوب ڪيا آهن مثلاً مٿي اياز تو چوي ته:

"تجهہ سے وابستہ هر تمنا ہے
تيرا هی آسرا ہے رب کريم"

اهي جملا لطيف جا ڇيل ڪونه آهن. والي شش جهت وغيره الفاظ لکڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، جي غلط آهن. اصل عربي الفاظ اردو ۾ به ائين لکي سگهجن ٿا ته "والي، واحد، وحده رازق رب رحيم. اياز جي ٽين وڏي غلطي هيءَ آهي ته لطيف جي آخري شعر

"ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي"

جو ترجمو ڪونہ لکيو آهي. سر ڪلياڻ ۾ لطيف جو
پهو نمبر بيت، هن طرح آهي:

”وحده لا شريڪ له، جان تو چئين اي،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نر تون منجهان نينهن،
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين سر هئن ڪي.“
(گربخشاڻي صفحہ ١٧٥)

مٿئين بيت جو اردو ترجمو شيخ صاحب هينئن
ڪري:

”اگر الله پر رکھتے هو ايمان،
رسول الله سے بھی لو لگاؤ
سمائے جس مين ان دونون کا سودا
کسی در پر نہ اس سر کو جھکاؤ

شيخ اياز صاحب ٻڌائي تہ هن وحده لا شريڪ له
جو ترجمو الله تي ايمان آڻڻ ڪيئن ڪيو؟ مثلاً سندس
ڪي ترجمي جو جملو ”اگر الله پر رکھتے هو ايمان“
جو عربي جملو ٿيندو ”ان تؤ من بالله ۽ نہ وحده
لاشريڪ له جنهن جي معنيٰ ٿيندي تہ الله جل شانه
هڪڙو آهي ۽ ان جو ڪو شريڪ نہ آهي. اهي
عربي الفاظ اردو ترجمي ۾ بہ نقل ٿيندا يعني وحده لاشريڪ له.
شاه لطيف جي جملي ”تان مڃ محمد ڪارڻي نر تون
منجهان نينهن“ جو اردو ترجمو ڪيو آهي ”رسول الله
سے بھي لو لگاؤ“ جا معنيٰ غلط آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي

صاحب ڪارڻي لفظ جي تشريح ۽ معنيٰ بابت لکي ٿو ته ”ڪارڻي“ (سن ڪارڪ) ، جو ڪنهن ڳالهه جو ڪارڻ يا سبب بڻجي. حضرت محمد صلعم کي ”ڪارڻي“ انهيءَ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو جو (۱) پاڻ ٿي دنيا جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ هوا، جيئن حديث ۾ چاڙايل آهي ته لولاڪ لما خلقت لا فلاڪ يعني اي محمد صلعم جيڪڏهن تون نه هجين ها ته ڪڏهن نه خلقيان ها هي آسمان (۲) حضرت محمد صلعم قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي شفاعت جو ڪارڻ ٿيندا (۳) حضرت محمد صلعم خدا جي سچيءَ وحدانيت ڦهلائڻ جو ڪارڻ هوا.“ (صفحه ۳۲۷) ظاهر آهي ته اياز سچي شعر جو ترجمو غلط ڪيو آهي. اياز جي وڏي مشڪل ڳالهه اها آهي ته هن توحيد ۽ رسالت جي مفهوم کي سمجهيو ئي ڪونهي. اياز کي انهن لفظن سمجهڻ ۾ ته ڏکيائي نه ٿيڻ کپي. پاڻ تازو خوشگوار اعلان ڪيائين ته ”مان پيدائشي طور مسلمان آهيان“ ڊاڪٽر گربخشاڻي غير مسلم ٿي ڪري به توحيد ۽ رسالت جي مفهوم کي سمجهي ويو. هو هندو مذهب جو پوئلڳ هو ۽ هندو مذهب ۾ توحيد يا وحدانيت جو تصور به موجود نه آهي، ڇو جو بقول پيرو مل مهرچند ”هندو مت ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائن ۽ خدائن جو مذهب آهي.“ ان جي باوجود ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب ٺوڪرون ڪونه کاڌيون ڇو جو هن جو مطالعو وسيع هو، پر افسوس جو مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيندڙ شيخ اياز صاحب

ڪي توحيد ۽ رسالت جي ڪا پروڙ ڪانه آهي. هو وحده لاشريڪ له جي معنيٰ تو ڪري الله تي ايمان آڻن .

ڊاڪٽر سورلي جي انگريزي معنيٰ

ڊاڪٽر گربخشاڻي کان علاوه هڪ ٻئي غير مسلم ڊاڪٽر ٽي- ايچ- سورلي (T, H. Sorely) صاحب ٻہ لطيف جي متين ٻن بيتن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ صحيح منظوم ترجمو ڪيو آهي. هو عيسائي مذهب جو مڃيندڙ هو. عيسائين ۾ ٻہ وحده لا شريڪ له جـو ڪو تصور ڪونہ آهي. ٻر سورلي صاحب عالم شخص آهي ۽ ترجمي ۾ شيخ اياز وانگر فـاش غلطيون ڪونہ تو ڪري. هـي عيسائي مصنف لطيف جي سر ڪلياڻ جي متين ٻن بيتن جو هن طرح منظوم ترجمو ڪري ٿو:

"In the beging Allah is, who knoweth all, whosits a loft, the lord of all the World that be, he is the Mighty, old of days, of his own power established. He is the lord only one, sustainer and compassionate. Sing ye the praise of Him. He is the one who has nopeer. Confess ye this. In heart of heart acknowledge ye the praisedone, who the causer of the causes is, why go ye then and bow yourselves In front of others, why go ye. (P- 312)

ڏسو ته ڊاڪٽر سورلي صاحب حتي الامڪان ڪيڏو نه صحيح ترجمو ڪيو آهي. فقط هڪڙي هنڌ غلطي ڪئي اٿس جو رسول ڪريم صلي الله عليه و سلم جي نالي "محمد" جو لفظي ترجمو ڪيائين يعني ته (The praisedone) "ساراهيل".

ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته عربي ٻوليءَ ۾ "محمد" لفظ جي لغوي معني ٿيندي ساراهيل ۽ انگريزيءَ ۾ "پريسڊون" جيئن حضور جن جو درٻاري شاعر حضرت حسان بن ثابت رضه چوي ٿو ته "حضور جن جي اسم مبارڪ کي پاڻ کان اشتقاق محض بلند ڪرڻ لاءِ (خدا) ڏنائين ۽ عرش وارو ته محمود آهي ۽ هي محمد."

فشق لـه مـن اسـمـه ليجلـه
فذ و العرش محمود و هذا محمد

پر ڊاڪٽر سورلي صاحب کي ترجمي ڪرڻ وقت محمد جو اسم خاص لکڻ کپندو هو. باقي سندس ترجمو صحيح آهي سورلي عيسائي هجڻ سان گڏ غير سنڌي به هو. افسوس جو اهڙي شخص جو منظوم انگريزي ترجمو صحيح آهي ۽ هت اسان وٽ محترم شيخ ايـاز صاحب سنڌي زبان جي شاعر هوندي به اردو جهڙيءَ عام فهم ٻوليءَ ۾ به صحيح ترجمي ڪرڻ کان قاصر رهيو. اياز جي ترجمي ۾ بي شمار غلطيون آهن، جن جي اپٽار ڪبي ته سوين صفحا ڪارا ڪري سگهجن ٿا. مٿي نموني

طور ڪن بيتن جي معنيٰ ۽ انهن جي مفهوم تي بحث ڪيو ويو.

شاه لطيف جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ بابت به اياز اسان کي ڪا ذهين ڳالهه ڪانه ٻڌائي آهي. سمورو مواد گربخشاڻي يا سورلي کان اڌارو ورتو اٿس. ڪتاب جي مطالع ڪرڻ سان آس رکيم ته اياز جي تحقيق شاه بابت ڪهڙي آهي. بس شيخ اياز پنهنجي طرفان اها ڳالهه لکي ته تصوف هر مذهب جو خام مواد آهي جنهن جو سراغ تمام الهامي ڪتابن ۾ ملي ٿو ۽ لطيف جو ڪلام تصوف لاءِ فخر جو باعث آهي ۽ نه تصوف لطيف جي ڪلام لاءِ. سنڌس هن غلط خيال ڪي متاثر لاءِ مون تصوف جي مختصر تشريح ۽ تاريخ لکي. هي ايڏو ته وڏو موضوع آهي جو ان تي سوين صفحا لکي سگهجن ٿا. اياز الهامي ڪتابن کي به ڪونه پڙهيو آهي. پيو ته ٿهيو پر شايد لطيف جو ڪلام به صحيح طرح سمجهي نه سگهيو جو ان لاءِ راه رکي ٿو ته اهو تصوف لاءِ باعث فخر آهي ۽ نه تصوف لطيف لاءِ. پلا جن کي شاه جو ثاني ڪوٺجي، اهي شاه جي ڪلام جي اهميت کي چو نه گهٽائيندا؟ ”پيچ پٽائي گهوٽ جو ثاني آيو سنڌ ۾.“

شيخ اياز ۽ سنڌس علمي مطالعو

اسان جي ڪمپنيءَ ۾ محترم شيخ صاحب جنجي شخصيت بابت اڪثر ذڪر ٿيندو آهي. منهنجو هڪ

پراڻو دوست شيخ اياز سان گهري عقيدت رکي ٿو. ساڳي وقت منهنجو هڪ شفيق استاد (۽ هينئر وڏو وڪيل) به مسٽر اياز جو پڳ مٽيو يار آهي. هڪ ڀيري منهنجي دوست مون کان سوال ڪيو ته "اياز جي علمي مطالعي بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ مون کيس جواب ۾ ٻڌايو ته اياز جا سڀ شعرن جا مجموعا مون پڙهيا آهن. مطلب ته نظم توڙي نثر ۾ شيخ صاحب جن جو ڪجهه لکيو، مون ان کي پڙهيو آهي. اياز جي مطالعي بابت هيءَ سوچيل سمجهيل راءِ قائم ڪئي اٿم ته موصوف فقط شاعري، ناول ۽ افسانن بابت لٽريچر پڙهيو آهي. هن ٻين علمن، جهڙوڪ سائنس، فلسفه، تاريخ، سياست، معاشيات، نفسيات ۽ مذهبيات وغيرهم کي پڙهيو ئي نه آهي. مذڪوره علمن بابت اياز صاحب جي معلومات محدود ۽ نه هجڻ جي برابر آهي. هن موجوده دور جي عالمي تحريڪ مارڪسزم جو به گهرو مطالعو ڪونه ڪيو آهي. منهنجو دوست هي ٻڌي ڪلي ويهي رهيو. چوڻ لڳو ته مان مڃان ٿو ته تو اياز کي اسان سڀني کان وڌيڪ پڙهيو آهي. پر هن جي علمي مطالعي بابت مان اوهان جي راءِ سان اتفاق نٿو ڪريان.

تازو ١٢ فيبروري ١٩٧٦ع تي هي دوست مون وٽ آيو. هٿ ۾ هلال پاڪستان اخبار هيس. مون کي ١٦ فيبروري جي هلال اخبار ڏيکاريندي چيائين ته هن ۾ "انساني زندگي ۾ ڪتابن جي اهميت بابت" شيخ اياز

جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيل تقرير جو پورو متن شايع ٿيو آهي. ان کي پڙهي مان اوهان جي راءِ سان متفق ٿيس تہ اياز جو مطالعو فقط شاعري، ناول ۽ افسانن تائين محدود آهي. اڳي توهان مون کي ائين ٻڌايو هو، هاڻي تہ اياز صاحب پاڻ اعتراف ڪيو آهي.

منهنجي دوست هن عبارت ڏانهن منهنجو توجهہ ڇڪايو:

امريڪي، روسي ۽ ايراني ڪتابن بابت اياز تقرير ڪندي چيو تہ "آءٌ پاڻ انهن ٽن ملڪن طرفان پيش ڪيل علم ۽ ادب جو سرگرم شاگرد آهيان. مون پشڪن کان وٺي ماياڪووسڪي تائين ان جي همعصر روسي شاعرن جهڙوڪ ووزنيسنسڪي ۽ ٻين جي شعرن جا مجموعا پڙهيا آهن. مون والٽ وٽمن کان رابرٽ فراسٽ تائين آمريڪا جي عظيم شاعرن ۽ نوجوان همعصر شاعرن جي شاعريءَ جو مطالعو ڪيو آهي جيڪي شاعري جي لٺي ۽ عبارت ۾ عجيب ۽ حيرت انگيز تجربا ڪري رهيا آهن. آءٌ پنهنجي نوجواني جي ڏينهن کان وٺي ايران جي ڪلاسيڪل شاعري کان واقف آهيان. عظيم شاعرن، فردوسي، سعدي ۽ حافظ جون دنيا جي شاعرانہ ادب جي ميدان ۾ خدمتون عظيم ترين آهن. ٽالسٽائي، ترجنيف، چيخوف کان وٺي شولوخوف تائين روسي اديبن جون نثر ۾ لکيون پڻ منهنجون پسند ديده پڙهيون آهن. اهڙيءَ طرح مون عظيم امريڪي ناول نگارن جهڙوڪ

مارڪٽوين، هيمنگوي، فاڪس، هاورڊ فاسٽ، رچرڊ رائيٽ ۽ ٻين همعصر ناول نگارن جو گهريءَ دلچسپي سان مطالعو ڪيو آهي. امريڪي، روسي ۽ ايراني ادب جا بهترين ڪتاب، جيڪي سپ ڪان زياده وڪامندا آهن ڪنهن نه ڪنهن طرح منهنجي ذاتي لائبرريءَ ۾ پهچي ويندا آهن."

(روزاني هلال پاڪستان مؤرخ ١١- فبروي ١٩٧٦ع صفحه ٤ ڪالم ٥)

شيخ اياز صاحب جي تقرير مان مٿيون ٽڪر پڙهندي منهنجو دوست چوڻ لڳو ته اوهان اسان کي هميشه ٻڌائيندا آهيو ته اياز فقط شاعري، ناول نويسي ۽ افسانه نگاري جو مطالعو ڪيو آهي. اسين اها ڳالهه تسليم نه ڪندا هئاسون پر هيئر خود شيخ صاحب جن جي پنهنجي زباني مان اوهان جي راءِ جي تصديق ٿئي ٿي. ڇو جو محترم اياز صاحب پنهنجي پسنديده اهڙن امريڪي، روسي ۽ ايراني مصنفن جا نالا ٻڌايا، جي رڳو شاعر، ناول نويس يا افسانه نگار آهن. شيخ صاحب انهن ٽنهي ملڪن جي ڪنهن به اهڙي مصنف جو نالو نه ڪنيو، جو فلسفي، سائنسدان، ماهر معاشيات و سياست، نفسياتي علوم، تاريخ يا مذهبيات جهڙن علمن ۾ يدطولي رکندو هجي. صاف ظاهر آهي ته هن فڪري لٽريچر جو ڪو مطالعو نه ڪيو آهي. اها به حقيقت آهي ته مسٽر اياز کي موجوده دور جي عالمگير مارڪسزم جي ادب جو مطالعو به نه

آهي. ڇو جو پسنديده روسي ڪتابن مان هن مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن وغيره جهڙن عظيم مصنفن جو نالو نه ورتو. مون پنهنجي دوست کي جواب ڏنو ته اياز صاحب جي مٿي نقل ڪيل عبارت تي اوهان پنهنجي طرفان صحيح تبصره ڪيو. مان ان بابت وڌيڪ ڇا عرض ڪيان؟ في الحقيقت اوهان پارن مخلص ۽ جذباتي عقيدت مندن جي هي وڏي ڪمزوري آهي جو اوهان پنهنجي ممدوحن کي هڪدم ديو تصور ڪندا آهيو. پر ياد رکو ته دنيا ۾ ڪيترائي علمي چامڙا ديو ٿا سڏائن ۽ ڪيترائي علمي ديو هوندا آهن، جي عوام آڏو چامڙا سمجهيا ويندا آهن. ائين دنيا ۾ ڇو پيو ٿئي؟ ابن خلدون ان سوال جو جواب ڏيندي لکيو آهي ته اهو سڀ ڪجهه پروپيگنڊا تي منحصر آهي.

ڪتابن جي اهميت بابت شيخ اياز صاحب جي هيءَ تقرير پڙهي مون کي هڪ هزار سال اڳ جو مشهور عرب شاعر ابو طيب متنبي ياد آيو. ڪتابن بابت متنبي جو هڪ شعر محترم شيخ اياز صاحب جن جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو. اهو هڪڙو شعر ئي ڪتابن جي اهميت واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اياز پاڻ ايتمي دور جو شاعر آهي، پر هن ڪتابن جي اهميت بابت ڪو اهڙو شعر نه چيو آهي. سندس ڪيل تقرير به جامع نه آهي. متنبي چوي ٿو ته ”دنيا اندر وڌ ۾ وڌ عزت واري جاءِ تيز رفتار گهوڙي جي زين آهي، ۽ دنيا منجهه بهترين

ساڳي ڪتاب ئي آهي."

"اعز مڪان في الدنيا سرج سابح
و خير جليس في الزمان ڪتاب"

دنيا ۾ اهل سيف به پيدا ٿين ٿا ۽ اهل قلم به، پر اهل قلم کي صاحب تلوار مٿان فضيلت آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ به چوڻي آهي "قلم تلوار کان وڌيڪ طاقت ور آهي." (Pen is mighter than the sword) يونان جو سڪندر بادشاهه تلوار جو مالڪ هو ۽ سندس همعصر مشهور دانشور ارسطو اهل قلم هو. ارسطو سڪندر بادشاهه کي هڪ ڀيري چيو ته "مان هڪ ارسطو تو ڄارا هزار سڪندر ناهي تو سگهان، پر تو جهڙا هزار سڪندر گڏجن ته به هڪ ارسطو پيدا ڪري نه سگهندا." سڪندر دنيا جو وڏو بادشاهه هو. پر هينئر ڪيس ڪو پڇي به ڪونه، پر ارسطو جي لکيل ڪتابن مان اڄ به علم پرائجي ٿو. اها آهي ڪتاب يا ٻين لفظن ۾ قلم جي عظمت. تيمور لنگ پنهنجي زماني جو وڏو فاتح ٿي گذريو آهي. هن ١٣٩٨ع سن ۾ دمشق شهر جو گهيرو ڪري ان کي فتح ڪيو ۽ شهرين کي جنگي قيدي بڻايو، انهن بد نصيب قيدين مان دنيا جو وڏو مصنف ابن خلدون به هو. تيمور کي خبر پئي ته هتي دمشق شهر ۾ مشرق جو هڪ وڏي ۾ وڏو دانشور به گرفتار ٿيل آهي. تيمور ابن خلدون کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو ۽ اتي دنيا جي وڏي ۾ وڏي اهل سيف جي هڪ وڏي

اهل قلم سان مختلف موضوعات بابت گفتگو ٿي. بحث جي اختتام تي ابن خلدون تيمور کان موڪلايو. تيمور لنگڙو هو ۽ پنهنجن درٻارين کي حڪم ڪيائين ته مون کي اٿاريو. کيس اٿاريو ويو ۽ هن نهايت ئي عزت ۽ وقار سان ابن خلدون کي رخصت ڪيو. سندس درٻاري تيمور جهڙي فاتح جو هڪ قيدي سان هي سلوڪ ڏسي حيران ٿي ويا. تيمور کين ٻڌايو ته اوهان کي ڪهڙي خبر. مان دنيا جو فاتح آهيان پر خدا جو قسم هي شخص (ابن خلدون) مون کان وڏو ماڻهو آهي. اڄ دنيا تيمور کي ڪنهن به ڪونه پر ابن خلدون جو ڪتاب "مقدمه" دنيا جو بهترين سرمايو آهي. اها آهي ڪتاب جي فضيلت ۽ عظمت.

شيخ اياز صاحب يونيورسٽي جو وائيس چانسلر آهي. کيس گذارش ڪندس ته علم ۽ ڪتاب سان اشتياق استاد ڏياريندا آهن. اڄ اهڙا استاد ڪٿي آهن. علامه اقبال اهڙن استادن کان شڪايت ڪندي هڪ هنڌ چوي آهي ته:

شکایت ہے مجھے یارب خداوندان مکتب سے
سبق شاہین بچوں کو دے رہے ہیں خاکبازي کا

محترم شيخ صاحب جن اسان جي ٻچڙن کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ رومي جي الفاظ ۾ تلقين ڪن ته تن زني لاءِ علم نانگ آهي ۽ دلزني لاءِ دلبر دوست.

"علم را بر تن زني مار بود
علم را بر دل زني يار بود"

محترم شيخ صاحب جن جو توجهه هڪ خاص امر ڏانهن ڇڪايون ٿا. اڄوڪي شاگردن جو اخلاق تباهه ٿي ويو. شيخ صاحب کي ان جي اصلاح لاءِ پڻ ڌيان ڏيڻ کپي. پنهنجي تقرير ۾ چوي ٿو ته "تنهن ڏينهن منهنجي هڪ شاگرد دوست مون کان بالڪل هڪ شاگرد وانگر ۽ محبت جي جذبي سان پڇيو هو ته اوهان اڄ جي نوجوان کي ڪهڙي صلاح ڏيڻ پسند ڪندا، مون جواب ڏنو ته کين پڙهڻ گهرجي. منهنجو نوجوان شايد مايوس ٿي ويو."

(هلال پاڪستان ١١- فبروري ٧٦ع)

شيخ صاحب سائل شاگرد کي چڱو جواب ڏنو ته کين پڙهڻ گهرجي. پر مان اياز صاحب جي جواب ۾ هڪ لفظ جو اضافو ڪندس ته "۽ اخلاق سڌارجي". اڄوڪي نوجوانن لاءِ فقط ٻه نصيحتون ٿي سگهن ٿيون پڙهو ۽ اخلاق درست رکو. جيڪڏهن پڙهڻ لاءِ فقط ڌيان ڏبو ۽ اخلاق کي اهميت نه ڏبي ته سنڌي ڪهاوت مطابق اهڙو شخص پڙهيو ته سهي پر ڪڙهيو ڪونه.

سنڌ يونيورسٽي هر ڪ سنڌيءَ جي ملڪيت آهي ۽ اسان مان هر هڪ کي ان جي ترقيءَ لاءِ فڪر ڪرڻ کپي. ائين نه ٿئي جو اسان جي غفلت ڪري هي عظيم

دانش گاهہ تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي. شيخ اياز صاحب جي وڏي ذميداري آهي. اسان جي يونيورسٽيءَ مان پڙهيل ۽ اخلاق وارا شاگرد نڪتا ته اسان جو شمار دنيا جي وڏن ۽ مهذب قومن مان ٿيندو ۽ جي علم جا ڪورا ۽ بد اخلاق پيدا ٿيا ته اسان پست ۽ غلام ٿي وينداسون ۽ ابن خلدون جي نظريہ مطابق غلام قوم دنيا مان جلد رفوچڪر ٿي ويندي آهي. قومن جي عروج ۽ زوال ۾ اخلاق جو وڏو هٿ آهي. عربن دنيا ۾ فتحون مسٽر ايم - اين - راءِ (M. N. Roy) جي چوڻ مطابق عمدي اخلاق (Nobility of Charactor) ڪري ڪيون. رومن هڪ هزار سالن تائين حڪومت ڪئي هئي. مشهور انگريز مؤرخ گبن (Gibbon) صاحب رومن امپائر جي زوال جا ڪيترائي سبب ڄاڻايا آهن. انهن مان هڪڙو مکيہ سبب سندن عيش پسندي ۽ بد اخلاقي بہ هئي. امريڪا جو سابق آنجهاني آئزنهاور اٺ سال صدر ٿي رهيو. امريڪا جي علمي رسالي "ريڊرس ڊائجيسٽ" (Reader's Digest) ۾ سندس هڪ مضمون بعنوان "پريزيڊنسي ۾ منهنجا اٺ سال" (My eight years In Presdency) اڄ کان ڏهہ سال اڳ ڇپيو هو. آئزنهاور فرد جي اخلاق تي زور ڏيندي لکيو تہ "هڪ بد اخلاق قوم پنهنجي تباهي پاڻ آڻيندي آهي."

"An Immoral nation brings Its Own ruin"

مون کي قوي اميد آهي تہ نئون وائيس چانسيلر

محترم شيخ اياز صاحب جن پنهنجون سموريون صلاحيتون شاگردن ۽ يونيورسٽي جي ڀلائيءَ لاءِ صرف ڪندو ۽ هن عظيم دانشگاهہ مان علمي ۽ چڱي اخلاق وارا شاگرد پيدا ٿي اسان جي قوم لاءِ فخر جو باعث بڻبا.

"اين دعا از من و از جمله جهان آمين باد"

محمد ابن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي
جا ڇپايل ڪتاب

امام شامل رح	ڪئپٽن محمد حامد
بنگلا ديش خواب ۽ حقيقت	خليق سنڌي
سنهان پاڻ ۾ سپ	حافظ ابن سبيل
پيلي تي پلڪار	قربان علي بگٽي
محسن سنڌ	مرحوم خليق مورائي
جي۔ ايم۔ سيد جا سورما	حافظ ابن سبيل
آخري رسول	مرحوم خليق مورائي
سنڌ ري (ناول)	,, ,, ,,

ملڻ جو هنڌ:۔
۲۴۔سي۔ بلاڪ بي لطيف آباد ۸۔ حيدرآباد سنڌ